
جيون تنهنجي نانءِ
(ڪهاڻيون)
وفا اسلم شيخ
ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي

# جيون تنهنجي نانءُ

## (ڪهاڻيون)

**وفا اسلم شيخ**

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽر)**
قنبر _ 2006ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر ڪتاب نمبر(22)
حق ۽ واسطا ڊاڪٽر محبت © ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر 2006ع

ڪتاب جو نالو: جيون تنهنجي ناﺀ
ليکڪ: وفااسلم شيخ
پهريون ڇاپو: جنوري 2006ع
ڪمپوزنگ: احمد علي، انڊس ڪمپيوٽر ڪمپوزرس لاڙڪاڻو.
ٽائيٽل لي آئوٽ: ڊاڪٽر احسان دانش ۽ رضوان گل
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر.

قيمت : 50 روپيا

Jeewan Tuhinje Naan'e
(Short Stories)
By: Waffa Aslam Shaikh
1st Edition: January 2006 A.D
Published by: Dr.Muhabbat Academy,Kamber
E-mail: drmuhabbat_academy@yahoo.com

هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي جنرل سيڪريٽري رياضت برڙي، بتول پريس حيدرآباد مان ڇپائي محبت اڪيڊمي قنبر پاران پڌرو ڪيو ويو.

# ارپنا

امڙ
جي نانءُ
جنهن جي هستي
مون لاءِ هميشہ
زندگيءَ جي تنھڙ اس ۾
ڇپر ڇانو مثل رهي آهي.

وفا اسلم شيخ

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”جيون تنهنجي ناٴء“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ **وفا اسلم شيخ** جي ڪهاڻين ۽ ناوليٽ جو مجموعو آهي. هن ڪتاب ۾ سندس پنج ڪهاڻيون ۽ هڪ ناوليٽ ”چاهت جي مسافت“ شامل آهن. احسان دانش لکي ٿو:

”وفا جي هن ڪتاب جي خوبي اها آهي ته هن ۾ موجود سمورين ڪهاڻين توڙي ناوليٽ جو موضوع ”پيار“ آهي ان ڪري پيار ڪرڻ وارا سندس هن پهرين ڪتاب کي پيار جي تحفي طور ضرور قبول ڪندا. وفا جي ڪهاڻين ۾ رومانوي رنگ شايد ان ڪري به آهي جو هو خود پنهنجي سيني ۾ هڪ محبت ڪرڻ واري دل رکي ٿو ۽ چاهي ٿو ته هر طرف پيار جو چوٻول هجي. وفا اميد ۽ نا اميد جي به واٽي تي بيٺل ڪيترن ئي ڪردارن کي پنهنجي اردگرد ڏسي ٿو ۽ انهن سمورن احساسن کي پنهنجي دل جي قريب محسوس ڪري ٿو جيڪي محبت جي معراج تي پهچڻ توڙي ناڪامي ۽ دل جي ٽٽڻ کان پوءِ جنم وٺندا آهن.“

هي ڪتاب 2006ع ۾ ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر پاران ڇاپيو ويو آهي. ٿورائتا آهيون وفا اسلم شيخ صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني
.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| ٻہ اکر | رياضت ٻرڙو | 07 |
| پيار جيون لاءِ اتساھ (مھاڳ) | ڊاڪٽر احسان دانش | 09 |
| ٻہ ٽي لفظ پيار جا | وفا اسلم شيخ | 12 |
| انتظار | امداد حسيني | 14 |


# ڪھاڻيون


| | |
|---|---|
| ھٿ ريڪائون | 15 |
| نيڻ نشي ۾ | 18 |
| حسرتون ۽ خواب | 23 |
| جيون تنھنجي نانءِ | 26 |
| جي جيءَ ڪي جيئارين | 35 |


# ناوليٽ


| | |
|---|---|
| چاھت جي مسافت | 41 |

# پڙاڏو

**ڪاڏي ڪاهيان ڪَرهو، ڇوڏس ڇڻاٽو،**
**راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهه ڪو.**
**(شاهه لطيف)**

پيار دنيا جو اهو واحد موضوع آهي، پيارا سڄڻو! جنهن بابت ڪنهن به ريت بنا لفظن جي ڪنهن مخصوص چونڊ جي، "دل" سان ڳالهائي سگهجي ٿو. پلي ته اسان ڪي پيار تي ڳالهائڻ يا ان ڪي سمجهائڻ ڏکيو محسوس ٿيندو هجي ۽ اهو خيال ايندو هجي ته اسان پيار بابت ڪيئن پنهنجا خيال پيش ڪيون (يا ڪيئن پنهنجي پيار جو اظهار ڪيون.)، پر جڏهن پيار تي ڳالهائبو آهي ته اسان ڪي اڪثر ڪري ڪنهن به طرح اهو احساس نه هوندو آهي ته ڪو اسان دنيا جي ان حسين ۽ وشال پيار تي ڳالهائي رهيا آهيون، جنهن تي ڳالهائڻ کان ٿنائي گهٻرائي رهيا هياسون. اسان ڏٺو آهي ته جنهن ماڻهوءَ ڪنهن شخص سان پيار ناهي ڪيو، ان پوءِ به، ڪنهن نه ڪنهن شخص سان پيار ڪيو آهي. ٽوٽي جو ڪيس ان جو ڪو احساس نه به هجي. پيار ماڻهوءَ جي فطرت ، سڀاءُ، مزاج، ڪيمسٽريءَ، مطلب ته هر جز ۾ شامل آهي. پيار ماڻهوءَ جو روح آهي، جنهن کان سواءِ هو جيئرو رهي نه ٿو سگهي. پيار جي ڪٿ ڪنهن به ڪٿ کان گهٽي گهٽي وڏيڪ آهي، ايتري وڏيڪ جيئن ڪائنات جي ڪٿ لاحد آهي.اسان پيار جي انت تائين تڏهن ئي رَسي سگهندا سين، جڏهن ڪائنات جي انت تائين پهچندا سين. پيار نه صرف ٻاهرينءَ ڪائنات جي سونهن آهي، پر ماڻهوءَ جي اندرينءَ وسيع دنيا جي به سندرتا آهي.

**تون چاندوڪي چيٽ جي، منهنجو من چڪور،**
**اچي ڪڏهن اور، مون سان ڳالهيون ڳجهه جون.**
**(شيخ اياز)**

اسان جي منڙي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نوجوان ۽ اتساهه رڪنڊڙ ليکڪ وفا اسلم شيخ جي ڪجهه چونڊ ڪهاڻين ۽ هڪ ناوليٽ تي مشتمل هيءُ ننڍو مجموعو "جيون تنهنجي نانءِ" به ان شاهڪار ۽ شاندار موضوع پيار جا ڪجهه انداز ۽ ڏيک اسان آڏو آڻي ٿو ۽ وفا جي

پيار سان پيار ڪي اظهاري ٿو. اسان ڪي ڪو بہ حق نہ ٿو پهچي، تہ اسان ڪيس پيار جي ان اظهار ڪان روڪيون.
اسان وفا اسلم شيخ ڪي سندس هن پهرين ڪتاب ”جيون تنهنجي نانءُ“ تي واڌايون ڏيون ٿا، ان اميد سان تہ هو آئينده بہ پنهنجي پهرين روايت ڪي نيائيندي، پيار بابت ڪهاڻيون ۽ ناوليٽ لکندو رهندو.

**رياضت پرڙو**
15 **ڊسمبر** 2005، **قنبر**

# مهاڳ:

## پيار جيون لاءِ اتساهه

ادب جي مختلف شعبن مان ڪهاڻي هڪ منفرد صنف سخن آهي. جنهن ۾ هڪ ليکڪ سماجي حقيقتن کان وٺي پنهنجي اندر جي دنيا جا انيڪ رنگ ۽ روپ نروار ڪندو آهي. هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار حقيقت ۾ اهو نبض شناس هوندو آهي جيڪو سماج جي بگڙجندڙ روپن توڙي حالتن کي نه صرف سمجهندو آهي پر هن وٿ انهن جو حل به هوندو آهي. پنهنجي دوربين نگاهه سان اهو ڪجهه به ڏسي وٺندو آهي جنهن کي عام طور نظر انداز ڪيو ويندو آهي. هڪ ڪهاڻيڪار روين جي جنگ کان وٺي رشتن جي ڪچي تند ۾ ٻڌل نازڪ احساسن تائين زنگيءَ جي سموري چرپر کي دل جي دفتر ۾ محفوظ ڪندو آهي.

جديد سنڌي ڪهاڻي جمال ابڙي کان وٺي موجوده دور تائين جيڪو سفر طئي ڪيو آهي. ان دوران ڪهاڻيءَ جي ان قافلي ۾ ڪيئي پانڌيئڙا شامل ٿيا آهن انهن مان ڪن ته سفر جي سختي ڏسي ستت ئي پير پنتي ڪيا ۽ ڪي وري وڏيون وڏيون وکون کڻي قافلي جي سرواڻن جي صف ۾ اچي بيٺا. سنڌي ڪهاڻي جو اهو قافلو روان دوان آهي. ان قافلي ۾ اڄ به ڪي مسافر ٿڪل آهن ته ڪي وري چستيءَ سان قدم وڌائي دنيا جي ساٿي ڪاروان سان ملي پنهنجي هستيءَ جو احساس ڏيارڻ لاءِ آتا آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ جي ان ڊگهي قافلي ۾ نوجوان ڪهاڻيڪار وفا اسلم به ابتدائي وکون کڻي شامل ٿيو آهي. اڃان هن سفر جو آغاز ڪيو آهي. هن جي منزل اڃان ڪو ڏنڌلو خواب آهي جنهن جي ساڀيان تڏهن ٿيندي جڏهن هو مستقل مزاج فنڪار وانگر پنهنجي مشق جاري رکندو.

ڇهه سال کن اڳ جڏهن وفا اسلم پهريون ڀيرو سچل ادبي مرڪز تي ملڻ آيو هو ۽ ساڻس تعارف ٿيو ته منهنجي ڪن تي جونءِ ئي نه چري هئي چو ته ان کان اڳ مون سندس نالو نه ٻڌو هو پر جڏهن هن ٻڌايو ته سندس ڪجهه ڪهاڻيون سنڌي ڊائجسٽن ۾ شايع ٿيون آهن ته اهو اشتياق وڌيو ته ڪائنس ڪائي ڪهاڻي ٻڌجي. اهي سياري جا ڏينهن هيا. ستت ئي مرڪز جي آفيس ۾ دستوري ڪڏجاڻي ٿي جنهن ۾ وفا پنهنجي ڪهاڻي ”پيار جو پرم“ پيش ڪئي. ڪهاڻي ڪافي طويل هئي ۽ داستان واري انداز ۾ لکيل هئي. مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي اها هڪ رومانوي ڪهاڻي هئي. ان کان پوءِ وفا هڪ ٻي پنيان مسلسل ڪهاڻيون ٻڌائيندو رهيو تان جو گرمين جي هڪ ڏينهن ناوليٽ کڻي اچي پهتو.

هي وفا اسلم جو پهريون ڪهاڻين جو ڳٽڪو آهي. مون کي پتو ناهي ته وفا هن وقت تائين ڪل ڪيتريون ڪهاڻيون لکيون آهن پر هن مجموعي ۾ 5 ڪهاڻيون ۽ هڪ ناوليٽ ”چاهت جي مسافت“ شامل آهن. ڪنهن به ليکڪ لاءِ پهريون ڪتاب پهرين پيار

وانگر هوندو آهي. وفا جي هن ڪتاب جي خوبي اها آهي ته هن ۾ موجود سمورين ڪهاڻين توڙي ناوليٽ جو موضوع ”پيار“ آهي ان ڪري پيار ڪرڻ وارا سندس هن پهرين ڪتاب کي پيار جي تحفي طور ضرور قبول ڪندا.

مون وفا اسلم جون هن وقت تائين جيڪي به ڪهاڻيون ٻڌيون يا پڙهيون آهن انهن مان اڪثر ”محبت“ واري موضوع تي لکيل آهن. هونءَ به سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ جنهن موضوع تي لکيو ويو آهي اهو ”محبت“ آهي. هونءَ به محبت هڪ اهڙو آفاقي احساس آهي جنهن کي ڪو حساس دل ئي سمجهي سگهي ٿو. وفا جي ڪهاڻين ۾ اهو رومانوي رنگ شايد ان ڪري به آهي جو هو خود پنهنجي سيني ۾ هڪ محبت ڪرڻ واري دل رکي ٿو ۽ چاهي ٿو ته هر طرف پيار جو چوبول هجي. وفا اميد ۽ نا اميد جي ٻه واٽي تي بيٺل ڪيترن ئي ڪردارن کي پنهنجي اردگرد ڏسي ٿو ۽ انهن سمورن احساسن کي پنهنجي دل جي قريب محسوس ڪري ٿو جيڪي محبت جي معراج تي پهچڻ توڙي ناڪامي ۽ دل جي ٽٽڻ کان پوءِ جنم وٺندا آهن.

وفا وٽ ڪهاڻي لکڻ لاءِ پنهنجو هڪ الڳ ڍنگ آهي. خاص طور هن جي ڪهاڻين جي سادگي عام پڙهندڙن کي متاثر ڪري ٿي. هن جي ڪهاڻين جي ٻولي گفتگو واري انداز جي آهي ان ۾ ڪو وڏو فلسفو ۽ گهرائي نه آهي. ائين ٿو لڳي ته ڪردار بازارن، رستن، ڪاليجن ۽ گهرن ۾ جيڪو ڳالهائي رهيا آهن انهن کي پني تي اتاري ڪهاڻي ٺاهيو ويو آهي. جيتوڻيڪ وفا جي ڪهاڻين ۾ منظرنگاري جي کوٽ نظر اچي ٿي پر موضوعاتي لحاظ کان اهي ڪهاڻيون توجهه ڇڪائيندڙ آهن. وفا جون هن مجموعي ۾ شامل سموريون ڪهاڻيون توڙي ناوليٽ شهري ماحول ۾ لکيل آهن. هونءَ به عام طور تي هن جي ڪهاڻين جو ماحول شهري رهيو آهي ۽ شهري معاملن ۽ مسئلن ڪا چڱيءَ پر واقف آهي ۽ انهن مسئلن کي هو سٺي نموني بيان ڪرڻ جو هنر به رکي ٿو.

وفا جو هن مجموعي ۾ شامل ناوليٽ سندس پهرين ڪوشش آهي. ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جنهن اوچي پد تي نظر اچي ٿو، ورهاڱي کا پوءِ سنڌي ادب جي تاريخ ان جي عظمتن جي گواهي ڏيڻ کان قاصر آهي. ڇو ته بعد ۾ نه صرف ڳاڻاٽي جي لحاظ کان ناولن جو انگ گهٽ نظر اچي ٿو پر معيار جي لحاظ کان به ڪي ٻه چار ناول ئي ليکي ۾ آڻي سگهجن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول نگاريءَ جي گهٽجڻ جي سببن تي هتي ڪجهه لکڻ مناسب ناهي البته معياري ناول نگاري جي گهٽتائي سنڌي ادب ۾ هڪ خال جو باعث ضرور بڻجي ٿي. ناوليٽ جيئن ته ناول جي ڪجهه ننڍي صورت آهي تنهنڪري ان جو به ساڳيو حال نظر اچي ٿو. ائين به ڪونهي ته ڪو اسان وٽ ڪي سٺا ناوليٽ لکيا ئي نه ويا آهن. ماڻڪ، آغا سليم، امر جليل ۽ ڪجهه ٻين ليکڪن تمام بهترين ناول ۽ ناوليٽ لکيا آهن پر افسوس اهو آهي ته اهو تسلسل برقرار رهي نه سگهيو آهي. وفا اسلم جيئن ته ناوليٽ لکڻ جي حوالي سان هيءَ پهرين وک کنئين آهي تنهن ڪري سندس تخليق کي علمي معيارن ناوليٽ جي ڪلي گهرجن مطابق نه ڏسبو. هن ناوليٽ کي فقط موضوعاتي حوالي سان ڏسڻ گهرجي. ناوليٽ جي ٻولي، منظر نگاري ۽ ٻيا لوازمات کهڙيءَ طرح

پورا ڪيا ويا آهن. ناوليٽ جي پلاٽ سان نياءُ ۽ ڪردارن جي ٽريٽمينٽ جي حوالي سان ليکڪ ڪيتري حد تائين سوڀارو ٿيو آهي تنهن لاءِ ناوليٽ جو مطالعو ضروري آهي. هڪ ذهين پڙهندڙ سنو نقاد بہ هوندو آهي ۽ وفا جون هي سموريون ڪهاڻيون ۽ ناوليٽ اوهان پڙهندڙن لاءِ ئي آهن. مون کي پڪ آهي تہ اوهان پيار جي نانءُ ڪيل هن ڪتاب جو سندس سمورين خوبين ۽ خامين سميت دل کولي آڌر ڀاءُ ڪندا.

**ڊاڪٽر احسان دانش**

13 **ڊسمبر** 2005ع

# ٻہ ٽي لفظ پيار جا

مان جڏهن ماضيءَ جي جهروڪن ۾ جهاتي پائي ڏسان ٿو تہ مون کي ياد اچي ٿو تہ مون لکڻ جي شروعات 1990ع کان ڪئي. مان شعور جي حدن ۾ داخل ٿيس تہ مون کي احساس ٿيو تہ مان لکي سگهان ٿو. مون پنهنجي اندر ۾ تخليق جو ساگر ڇلندي محسوس ڪيو هو. مون کي لڳندو هيو تہ مان جو ڪجھ ڏسان ٿو ۽ هن سماج ۾ جيڪا ڇرپر محسوس ڪيان ٿو ان کي قلمبند ڪري سگهان ٿو.

تخليق هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو مطالعي، مشاهدن ۽ تجربي جو گهرجائو آهي. مون بہ انهن ٽنهي شين جي ٻل تي پنهنجو تخليقي سفر جاري رکيو آهي....پر جيئن ڪنهن ٻج جي اسرڻ لاءِ سني زمين درڪار هوندي اهي تيئن مون کي بہ هميشہ کان ڪنهن اهڙي ئي زمين جي گهرج هئي جتي منهنجي تخليقي ٻج جي اوسر ٿي سگهي. سچل ادبي مرڪز لاڙڪاڻو مون لاءِ اهڙي زمين ثابت ٿيو. بلڪ مان مرڪز کي پنهنجي لاءِ ادبي ڇانورو ٿو تصور ڪيان. مرڪز تي اچڻ کان پوءِ نہ صرف منهنجي تخليقي سفر جو صحيح معنٰي ۾ آغاز ٿيو آهي پر اتان مونکي جيڪو مان مليو آهي تنهن کي مان پنهنجي لاءِ انمول سرمايو ٿو سمجهان.

مون پنهنجي جذبن جي اظهار جو ذريعو هميشہ ڪهاڻيءَ کي ئي بڻايو آهي. جيتوڻيڪ ڪجھ عرصو مون شاعري بہ ڪئي پر بعد ۾ سوچيو بهتر آ تہ ٻہ گدرا هٿ ۾ نہ ڪٽجن. گهڻو ڪري مون پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع سماج جي ڪک مان ڪنيا آهن. اوهان کي منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار جيئرا جاڳندا ۽ پنهنجي آسپاس گهمندي ڦرندي محسوس ٿيندا. منهنجي اڪثر ڪهاڻين جي فضا رومانوي آهي ڇو تہ مان پاڻ محبتي مزاج رکندڙ ماڻهون آهيان. منهنجي نظر ۾ محبت سچ آهي ۽ سچ ئي محبت آ. اوهان کي منهنجي ڪهاڻين ۾ محبت ۽ موت هڪ الڳ روپ ۾ نظر ايندا. عام رواجي محبت وانگر مونکي عام رواجي موت بہ متاثر نہ ڪندو آهي.

پنهنجي ڪهاڻين جي هن پهرئين مجموعي ۾ مون اهي ڪهاڻيون شامل ڪيون آهن جن جو موضوع ”محبت“ آهي. ساڳي طرح هن ڪتاب ۾ شامل منهنجي پهرين ناوليٽ جو مرڪز ۽ محور پڻ پيار آهي. منهنجي خيال ۾ محبت هن ڪائنات جو سڀ کان حسين جذبو آهي. تنهن ڪري ئي مون ان احساس کي پنهنجي لفظن جي سونهن بڻايو آهي. منهنجي پيار ڪهاڻين ۾ اڪثر انهن چاهتن جو ذڪر آهي جن جي نصيب ۾ وصل لکيل ناهي.

لکڻ منهنجي جياپي جو جواز آهي. لکڻ کانسواءِ شايد آءُ زنده نہ ٿو رهي سگهان. مان لکان ٿو اڻ اظهاريل جذبن کي اظهار جو دڳ ڏيڻ لاءِ. مان لکان ٿو پنهنجي اندر جي دنيا کي پرسڪون بڻائڻ لاءِ. لکڻ ئي منهنجي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو مقصد آهي. ڪتابي شڪل ۾ آيل منهنجيون هي ڪهاڻيون منهنجي پهرين ڪوشش آهي. جيڪا اوهان جي

سامهون آهي. مان هر گز اها دعوٰي نہ ٿو ڪيان تہ هن ڪتاب ۾ لکيل هر ڪهاڻي پنهنجي فني فڪري حوالن سان ڀرپور ۽ مڪمل آهي. يقينن ائين نہ هوندو . ضرور ڪي خاميون ۽ ڪوتاهيون رهجي ويو هونديون جن جي مان اميد ٿو ڪيان تہ اوهان فراخ دل پڙهندڙ منهنجي ڀهرين ڪوشش ڄاڻندي ضرور نظر انداز ڪندا.

آخر ۾ آءُ دل جي گهراين سان پنهنجي پياري دوست ڊاڪٽر احسان دانش جو شڪر گذار آهيان جنهن منهنجي هن ڪتاب لاءِ وڏي پيار سان مهاڳ لکيو. مان ٿورائتو آهيان پنهنجي دلگهرين دوستن محمد هاشم هامي ۽ رضوان گل جو جن ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل لاءِ پيار ڀريا لفظ لکيا. هميشہ منهنجو مان مٿاهون ڪيو آهي منهنجي محترم سائين ڊاڪٽر بشير احمد شاد جو، جنهنجا وڙ وسارڻ جوڳا نہ آهن.

**وفا اسلم شيخ**
تولاڻي گهٽي،
نزد گرلس مغل هاءِ اسڪول،
لاڙڪاڻو.
03337575584

# انتظار

شام آئي لڙي ويا پاڇا
ڏوڙ ئي ڏوڙ ٿي ويا رستا
رات جي آخري حدن تائين
ڏنڊ ۾ چمڪندا ويا تارا

چنڊ ڇا لاءِ آ ايترو خوش
جو اڱڻ تي ائين پيو چمڪي
هر انڌيري سان اٽڪندو ٿو رهي
رات جي رڻ ۾ پيو ڀٽڪي

چونڪ ڪا چونڪ ۽ گهٽيءَ ڪا گهٽيءَ
انتظارن جا سلسلا آهن
تنهنجي گهر تائين منهنجي گهر ڪان وٺي
ڪيڏا بي رحم فاصلا آهن

وار منهن تي ڪليا پيا آهن
چنڊ تي اڪ ڪتي پئي آهي
ياد تنهنجي اڱڻ ۾ ٻيٺي آ
ساري ڏرتي ستي پئي آهي

تنهنجي يادن جا پيلا پيلا پَنَ
هر طرف پکڙيا پيا آهن
چئني پاسن ڪان دل جي وسنديءَ تي
درد جا در ڪليا پيا آهن.

[امداد حسيني "امداد آهي رول" 1976ع تان ورتل]

# هٿ ريکائون

روز جي معمول مطابق اڄ بہ نم جي وڻ هيٺان چانو ۾ ويهي رهيس. ان انتظار ۾ تہ اڄهو سيما آئي جو ان جي ليڪچر ختم ٿيڻ ۾ اڃا 10 منٽ باقي هيا. ڪاليج جا شاگرد سامهون اچ وڃ ڪندي پيا نظر اچن. منهنجو من اداس لڳو پيو هيو جنهن ڪري اڄ ليڪچر ۾ اٽي آيو هيس. سيما جي باري ۾ ئي سوچي رهيو هيس تہ سيما بہ پر ۾ اچي ويهي رهي.

هٿ جي اشاري سان هوشيار ڪندي چيائين، "ڇو جناب اڄ وري اڄ ليڪچر ۾ اٽي آيئو.وري ڪير ياد اچي ويو."

"توڪان سواءِ ٻيو ڪير تو ٿي سگهي جنهن کي ياد ڪري سگهجي.رات ڏينهن تون ئي ياد هوندي آهين."

سري آئي غور سان ڏسندي چيائين "پر هن وقت تہ توسان گڏ آهيان. پوءِ اڄ ليڪچر مان اٿڻ جو مقصد."

"سيما محبتن جا معاملا ئي عجيب هوندا آهن جن کي سمجهڻ دماغ جي وس جي ڳالهہ ناهي، هڪ سوچ آهي جيڪا سدائين اداس ڪري وجهندي آهي. هزار ڪوشش جي باوجود بہ اها سوچ ذهن مان ڪو نہ ٿي نڪري. رات جو بہ سوچي سوچي رڳو تنهنجي يادن ۾ گم ٿي ويندو آهيان."

"ڪهڙي سوچ آ جيڪا تو کي ايڏو تڙپائي رهي آ. هيڏي مون ڏي ڏس مون کي بہ نہ ٻڌائيندين."

چيو مانس "سيما مون کي الاءِ ڇو اهو پوءُ رهندو آهي تہ مان تو کي وڃائي ويهندس. شايد تون منهنجي نصيب ۾ نہ آهين."

"ڪير ٿو چوي تہ مان تنهنجي نصيب ۾ نہ آهيان ڇا تنهنجي هٿ جون ريکائون ٿيون ٻڌائين. ڇو اچي اهڙين سوچن ۾ پيو آهين، مان پنهنجو پاڻ تہ توکي ارپيو آهي."

"سيما مون ڪڏهن چيو تہ تون منهنجي نہ آهين. تو کي ڏسي مان ائين سمجهندو آهيان تہ تون هڪ گل آهين ٽڙندڙ ۽ تازو گل جنهجي خوشبوءِ هميشہ مون کي معطر ڪندي رهندي. پر سيما ڪير ڪنهن کي عبادت جي حد تائين چاهيندو آهي تہ ان کي اهڙيون سوچون تڙپائينديون رهنديون آهن."

"ها مان سمجهان ٿي" چيائين "پر تنهنجي منهنجي وچ ۾ اهڙو تہ عظيم رشتو آ جو ڪنهن کي ڪو اعتراض تہ نہ هجڻ گهرجي."

"پر اسان جي ماڻهن کي ڪير سمجهائي" چيو مانس "سيما تون ڏاڍي معصوم آهين توکي خبر ناهي تہ اهي اسان کي ظاهري اک سان ڏسندا آهن، اسان جي اندر جو انت لهي نہ سگهندا آهن.اهڙا ماڻهون تنهنجي ۽ منهنجي رشتي کي ڪڏهن بہ سمجهي نہ سگهندا."

“ تہ پوءِ اھڙن ماڻھن جي پرواھ ڇوتہ ڪرين ، ڇوتہ سوچين. ڇڏي ڏي منهنجي باري ۾ سوچڻ.” سيما چئي ڏکاري ٿي پئي.

چيو مانس “سيما مون ازل کان ھر جنم ۾ تنهنجي باري ۾ سوچيو آ، ھاڻي تنهنجي باري ۾ سوچڻ، لکڻ ۽ ڳالھائڻ ڇڏي ڏيان. منهنجي وس کان اھو ٻاھر آھي.”

“پوءِ آخر ڇا ڪندين.” چڙي پئي.

“مان پڄي پوندس، پري پوندس. منهنجي پروسي جو مندر پور پور ٿي پوندو. پر مان توکي وساري نہ سگھندس.”

ويجھو سري آئي چيائين، “ ڏس راحيل اڄ تائين ڪو پنهنجي زندگيءَ بصيرت ۽ روشنيءَ کي وساري سگھيو آھي جو مان تو کي وساري سگھندس.مان تنهنجي سوچن کي وکرڻ نہ ڏيندس، مان تنهنجي خيالن کي منتشر ٿيڻ کان بچائي وٺندس.راحيل مان پنهنجي آخري ھڏڪيءَ تائين تنهنجو ساٿ ڏينديس.”

ان وقت ڪاليج جي پوائنٽ بہ ھارن ڏنو، چيائين “ھاڻي اٿو تہ ھلون ڪٿي پوائنٽ نہ نڪري وڃي.”

پنهنجي وياڪل من سان سيما سان گڏجي پوائنٽ تائين آيس.پوائنٽ پرجي وئي تہ ھلڻ شروع ڪيائين.پوائنٽ ايمپائر روڊ تي پهتي تہ ڊرائيور کي اشارو ڪيم تہ پوائنٽ بيهجي وئي.اسين ٻئي ڄڻا لٿا سين. جيستائين سيما جي منزل نہ آئي تيستائين گڏ گڏ ھلندا رھيا سي.

سيما منهنجي ھٿ کي زور ڏيندي چيو “ٻڌ اڄ اوچتو ڇا ٿي ويو ھيئي جو مون کي پريشان ڪري ڇڏيئي.”

“سيما اڄ زبير منهنجو ھٿ ڏسي چيو ھيو تہ راحيل جنهن سان نينهن اڙيل اٿئي اھا ڪڏھن تنهنجي ٿي نہ سگھندي ۽ تو کي تہ خبر آ زبير جون ڪيتريون ڳالھيون سچ ثابت ٿيون آھن.”

“ڪافي غلط بہ ويون اٿس.” سيما چيو “پر اجا اھڙين ڳالھين تي تو اعتبار ڪرين! ھھڙي انٽرنيٽ جي دور ۾.”

“اعتبار تہ مون کي بہ نہ تو اچي پر ڇا ڪيان محبت جا معاملا ايڏا تہ حساس ھوندا آھن جو ننڍي کان ننڍي ڳالھ بہ وھم ٿي ويھاري ڇڏي.”

کلندي چيائين “اھڙا وھم تہ نہ ڪر وھم جو ڪو علاج ڪونهي.” ان وقت سيما جو گھر بہ اچي ويو موڪلائي ھلي وئي. منهنجي منزل اجا اڳتي ھئي.

وقت جي ڌارا پنهنجي رفتار سان ھلي رھي ھئي پيار جي راھن تي ھلندي آخر اھا گھڙي بہ اچي وئي جو دل رت جي درياءَ ۾ لڙھي وئي. ان ڏينهن سيما جي چهري مان اٿاھ غم ۽ درد نظر آيو. ايترو گھٽو جو ڪير ھن جي زخمن کي ھلڪو ئي ڇهي تہ اکين مان لڙڪن جو مينهن وسي پئيس. ھن وٽ لفظ ڪونہ ھيا جو ڪچي سگھي. آخر پنهنجي ٻنهي ھٿن کي ھڪ ٻئي ۾ پيڪوڙي چئي ڏنائين تہ،

“راحيل مان هارائي ويس.واقعي مان تنهنجي نصيب ۾ نہ آهيان.منهنجي مٿان مجبورين جا ڪوٽ ڪيرايا ويا آهن. مان هزار ڪوشش جي باوجود بہ انهن ڪوٽن کي ڪيرائي نہ ٿي سگهان. مان محبت جي ميدان ۾ تہ توسان گڏگڏ هلي نہ سگهيس پر يادن جي ميدان ۾ هميشہ توسان گڏ هونديس. خدا حافظ راحيل! هن زندگيءَ ۾ پاڻ نہ مليا سي تہ ڇا ٿي پيو اڳئين جنم ۾ هميشہ گڏ هوندا سي.”

هوءَ چوندي رهي منهنجو روح فنا ڪندي رهي. پنهنجي شاديءَ جو ڪارڊ هٿ ۾ ڏيئي اکيون وڏن لڳي. ان وقت منهنجي حالت اهڙي ٿي پئي جيئن پکي ڏنڊ ۾ هوندي بہ پياسو رهجي وڃي. سڄي جان جي قووت سميٽي سڏ ڪندي ڇيو مانس،

“سيما پليز هڪ منٽ تہ بيهہ. مان توکي پنهنجي نصيب جي بازيءَ ۾ تہ هارائي وينو آهيان پر مون کي آخري ڀيرو پاڻ ڏانهن ڏسڻ تہ ڏي تہ جيئن زندگيءَ جي حقيقتن ۾ منهنجو اعتقاد پختو ٿي وڃي.”

“سيما تون منهنجي روح ۾ آهين تون منهنجي تصور ۾ آهين، تون منهنجي تحريرن ۾ هميشہ زندهہ رهنديءَ. تنهنجي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ مون لاءِ سرمايو آ.سيما مان تو کي وساري نہ سگهندس.”

منهنجي وجود مان قووت ڇڏائجي وئي. گوڏن ڀر هيٺ ويهجي ويس. ڪجهہ گهڙين ڪان پوءِ اٿيس تہ سيما وڃي چڪي هئي.

# نيٽ نشي ۾

”يار وسيم اڄ هڪ زبردست خوشخبري آهي.“ ڪريم ڪمري ۾ ايندي چيو ۽ ويهي ريموٽ ڪنٽرول سان ٽي ويءَ جا چينل ڦيرائڻ لڳو ۽ مان اخبار پڙهي رهيو هيس، چيم،

”خوشخبري تون روز ٻڌائيندو آن، سو مڙندين ته اڄ به ڪو نه.“

”پر اڄ واقعي خوشخبري آهي.“ ٽي ويءَ جو آواز گهٽ ڪري چڙيائين.

”ته پوءِ ٻڌاءِ ڪٽي.“

”يار سامهون وارو بنگلو هڪ فارورڊ فيمليءَ خريد ڪيو آهي. جنهن ۾ اسان وانگر ٽي چار ينگ ڇوڪريون به آهن، اصل وارا نيارا ٿي ويا.“

“وڏو ڪو پلستر آهين يار، اجا ويچارا آيا مس آهن ۽ تون نظرون ڪٽي ڪپايون اٿائين.“

“پاڻ ته وڏو ڪو مسجد جو ڪڪ آهين.“ ويچارا ڪيندي چيائين.

“ گهٽ ۾ گهٽ انهن پوڙهي ۽ پوڙهيءَ مان ته جان ڇٽي. هاڻي ته مس بنگلي ۾ رونق ٿي آ. پيو روح ريجهندو.بوريت ته ختم ٿي.“

ڪريم کي سدائين ان بنگلي جي پهرئين فيمليءَ مان شڪايت هوندي هئي، جيڪا زال مڙس ۽ سندن جوان پٽ تي مشتمل هئي. اسان جي ڪمري مان ڪلنڊڙ ٻن درين مان انهن جي بنگلي جو اڱڻ، لان ۽ ڪمرن جون دريون نظر اينديون هيون، جيڪي سدائين بند هونديون هيون. بس رڳو اڱڻ ۾ يا لان ۾ ڪنهن مهل پوڙهو، پوڙهي ۽ نوجوان نظر ايندو هيو نه ته رڳو ويراني هوندي هئي پر بنگلو ڏاڍو خوبصورت هيو، حالانڪ ڪريم جو بنگلو به سنو هيو پر رهندو اڪيلو هو.سندس فيملي اسلام آباد ۾ هيس ۽ والد ڪنهن وڏي عهدي تي فائز هيس. ڪريم هتي صرف پڙهائيءَ جي ڪري رهيل هيو ۽ ڪريم جي گهڻي اسرار تي مان هاسٽل تان شفٽ ٿي گذريل هڪ سال کان سندس بنگلي تي گڏ رهندو هيس.تڏهن کان سامهون واري بنگلي جي سدائين پيو شڪايت ڪندو هو پر اڄ سندس شڪايت ۽ بوريت ختم ٿي چڪي هئي سو دريون ۽ دروازا کولي ڇڏيائين ۽ چيائين،

“يار مان لان جي صفائي ٿو ڪيان تون ڪمري جي ڪري ڇڏجانءِ.“ چئي لان ۾ هليو ويو ۽ مان ڪمري جي صفائي ڪري درين جا پڙدا ۽ دريون صاف ڪيون.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ انهن پنهنجي نئين بنگلي جي خوشيءَ ۾ دعوت جو احتمام ڪيو جنهن ۾ سيني پاڙيسرن سان گڏ اسان کي به مدعو ڪيو ويو. پارٽي ڏاڍي شاندار قسم جي هئي جنهن ۾ ڪريم جي جاڻ سڃاڻ وارا ڪافي ماڻهون هئا. منهنجي ڪن ٿورن سان عليڪ سليڪ هئي انهن سان گپ شپ ۾ لڳي ويس ته هڪ صاحب اچي مليو ۽ چيائين،

“پٽ ڪيئن لڳي اسان جي پارٽي.“

“تمام سٺي بلڪ شاندار.” مون سندس شڪريو ادا ڪندي چيو تڏهن ڪريم به اچي ويو ۽ چيائين،
“احمد صاحب هي منهنجو دوست وسيم، منهنجو ڪلاس فيلو آهي ۽ ڪهاڻيڪار پڻ.” ۽ وري مون کي چيائين،
“وسيم هي احمد صاحب آهي جنهن جو ذڪر مان توسان پهريون ئي ڪري چڪو آهيان.”
تڏهن مون ٻيهر احمد صاحب جو شڪريو ادا ڪيو ته احمد صاحب چيو ته،
“يار ڪهاڻين پڙهڻ جو مون کي ڏاڍو شوق آهي سو ڪڏهن پنهنجون ڪهاڻيون پڙهايو نه.”
“ها ها ڇو نه اها به ڪا ڳالهه آهي هونءَ به اسان منجهند 3.00 وڳي کان پوءِ بنگلي تي هوندا آهيون سو توهان کي جڏهن به ٽائيم ملي ته ايندا ڪيو. ان بهاني ڪچهري به ٿيندي رهندي.” وري ڪريم وچ ۾ ڳالهائيندي چيو،
“احمد صاحب مان چانهه ڏاڍي سٺي ٺاهيندو آهيان سو چانهه ته ضرور پيئڻ اچجو.”
احمد صاحب چيو، “يار مان ته پيئندس پر گهر ڀاتين لاءِ به توکان ٺهرائيندس .”
تڏهن سڀئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا سين ۽ احمد صاحب اڳتي وڌي ويو. رات دير سان پارٽيءَ تان موٽيا سين ان ڪري جلدي سمهڻ جي ڪئي سين پر ننڊ اچا ڪو نه آئي هئي جو ڪريم ٻڌايو،
“يار احمد صاحب جي وچين ڌيءَ جيڏي خوبصورت آ تيڏي بدچلن آ.”
“ڇو اهو تون ڪيئن ٿو چئين ۽ ٻي ڳالهه ته توکي خبر پئي ڪٿان.”
چيائين، “پارٽيءَ ۾ هڪ دوست ٻڌايو جيڪو پهريان کان ئي هنن کي سڃاڻدو آهي.”
“خير ڪنهن کي ائين نه چوڻ گهرجي.”
اتي ويهي رهيو ۽ حيرت سان چيائين، “يار هوءَ ڪلب اٽينڊ ڪندي آ، پرنس ڪلب.”
“ته پوءِ ڇا ٿي پيو پاڻ ته چيو هيئي ته وڏي فارورڊ قسم جي فيملي آهي سو انهن لاءِ ته اهو ڪو مسئلو ئي ناهي.”
“فارورڊ قسم جي فيملي آ، هون.” منهن خراب ڪري چيائين ۽ اونڌو ٿي سمهي پيو.
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مان به پرنس ڪلب جوائن ڪيو صرف ان ڇوڪريءَ جي ڪري، جو جو مان ڪافي چڪر ان کي درءَ مان لان ۾ ته ڪڏهن سندس ڪمري جي درءَ وٽ ٻيهندي ڏسي چڪو هيس ۽ سندس حسن جي اڳيان دل هاري ويٺو هيس.
اڄ منهنجو پهريون ڏينهن هيو ڪلب ۾. هتي رات ڏينهن کان به وڌيڪ روشن هئي. چوطرف خوشگوار ۽ لطيف خوشبوءِ ٻڌل، قيمتي لباسن ۾ ملبوس جسم موجود هئا.ڪنهن مهل هلڪي ته ڪنهن مهل تيز ميوزڪ هلي رهي هئي جنهن تي ڪافي مرد ۽ عورتون هڪٻئي جي چيلهه ۾ هٿ وجهي ڊانس ڪري رهيا هيا ته ڪي وري ويهي ڳالهين جو مزو ماڻي رهيا هئا ته ڪي وري هڪٻئي کي پيئڻ ۽ پيئارڻ ۾ مست هئا. مان به هڪ

پاسي خالي پيل ٽيبل جي چوڌاري رکيل ڪرسين مان هڪ تي ويهي رهيس جنهن تي خالي براندي جي بوتل رکيل هئي. منهنجون نگاهون هن کي ڳولهي رهيون هيون. ڪلب ڪافي وڏو ۽ ڪشادو هيو. سڄو مردن ۽ عورتن سان ڀريو پيو هيو. ان هجوم ۾ مون کي نظر ڪونه آئي. خبر تڏهن پئي ته هڪ دوشيزه منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي اچي ويٺي.مان حيران ٿي ويس.

"هيءَ ته اها ئي آهي."

ڏاڍي حسين لڳي رهي هئي.تيز بلو رنگ جا ڪپڙا پاتل هيس، ڳچيءَ ۾خوبصورت قسم جي مالها پيل هيس جنهن سندس حسن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو هيس. مان حيرانگيءَ مان هن کي ڏسي رهيو هيس ته هن ئي ڳالهايو،

"مان امبر آهيان، سڃاڻي ويا هوندئو."

"جي ها سڃاتم ته سهي پر نالي جي اڄ خبر پئي آ."

"پر مون کي اوهان جي نالي جي خبر آ. وسيم آهي نه اوهان جو نالو."

"ها واقعي. ان جو مطلب ته اوهان ٻيو ڪجھ به گھڻو ڄاڻندا هوندئو."

"نه صرف نالو ئي ڄاڻان ٿي پر هاڻي گھڻو ڪجھ ڄاڻي ونبو چو جو توهان به ڪلب جوائن ڪيو آ، ان ڪري پنهنجي دوستي ته هلندي رهندي." ۽ مون ڪنڌ سان مسڪرائيندي ها ڪئي. تڏهن چيائين،

"اهڙي خوشگوار ماحول ۾ ماڻهوءَ کي ته اڪيلو قطعي نه ويهڻ گھرجي."

"ڇا ڪجي ڪوئي ساٿي جو ناهي." مون سندس نيڻن ۾ نهاريندي چيو.

چيائين، "ڇئبو مون کي غير ٿا سمجھو."

۽ پوءِ مون کي رقص جي درخواست ڪيائين جا مون سندس حسن جي نشي ۾ سرشار ٿي قبول ڪئي.جڏهن هرڻيءَ جهڙي چيلھ ۾ هٿ وجهي هلڪي ميوزڪ تي ڊانس شروع ڪئي ته سڄي جسم جا وار اڀا ٿي ويا. مون مخمور لهجي ۾ چيو،

"اوهان ڊانس ڏاڍي سٺي ٿا ڪيو."

"مهرباني مگر اوهان به ته ڪنهن کان گهٽ نه آهيو."

"پر شايد اوهان کي خبر نه آهي ته هي فقط اوهان جي ئي حسين قرب جي ڪرامت آهي."

"واقعي! مان ته اوهان جو هر لفظ سچ سمجھي رهي آهيان." مشڪندي چيائين.

"مان اوهان جي حسين مخمور نيڻن جو قسم ڪڻي ٿو چوان ته مان به سچ ٿو چوان." تڏهن اڪيون اڪين سان مليون ۽ پوءِ اکين ئي هڪٻئي کي جواب ڏنو.

منهنجو روز ڪلب اچڻ ۽ مس امبر سان ملڻ، دوستيءَ مان قري پيار جو رشتو بڻجي پيو. منهنجو نينهن ته هن سان اڳ ۾ ئي لڳل هيو پر هاڻي ان جون پاڙون پختيون ٿي پيون. روز هڪٻئي سان نه ملون ته چين ئي نه اچي ايتري حد تائين جو هڪٻئي جي گھر اچڻ وڃڻ لڳا سين. احمد صاحب ته مون کي ڏاڍو مان ڏيندو هيو ۽ اڪثر اسان جي بنگلي تي اچي خوب ڪچهريون ڪندو هيو.

ڪجھ ڏينهن اڳ امبر جي ئي گهر ادب جي موضوع تي بحث ٿيو جنهن ۾ امبر به حصو ورتو. احمد صاحب ته ٿورو ڳالهائي هليو ويو جو سندس هڪ مهمان اچي ويو. جڏهن ته امبر منهنجي هر نظرئي هر خيال کي باطل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪنهن حد تائين ڪامياب به وئي مگر مون نه مڃيو. منهنجا دلائل مون کي پنهنجي جاءِ تي وزني پئي محسوس ٿيا مان ائبسٽريڪٽ آرٽ کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نه ۽ هوءَ هن کي وڏو درجو ڏيڻ لاءِ تيار. مان سمجهايو مانس،

”جيڪڏهن چند ڦڏيون سڌيون بي معنيٰ لڪيرون ڪڍي ۽ انهن لاءِ ڪو دلڪش عنوان تجويز ڪيو وڃي ته ان جو مطلب هر گز اهو ناهي ته تصوير ڪنهن خوبيءَ جي حامل ٿي وئي. جيڪڏهن مٽڪي کي اونڌو بيهاري عنوان لکو ”محبت “ ته ان مان ڪهڙو هڙ حاصل.“

تڏهن امبر چيو، ” تجريدي آرٽ بيشڪ خوبصورت غلافن چاڙهڻ جي خلاف آهي پر هڪ آرٽسٽ ڪو به خيال، ڪا به ڳالهه ، ڪو به جذبو ۽ ڪا به تخليق بغير ڪنهن وڏاءَ جي پيش ڪري ٿو. ڇا اها ان جي ديانتداري نه آهي.“

”مگر مس امبر نظم ۽ ضبط ته ضروري جزا آهن پردھ پوشي به ته اهم آهي.“

”اها پردھ پوشي ڪهڙي ڪم جي جو جذبن کي لڪائي فقط جسم جا خدوخال ظاهر ڪري، باقي اندر جو ڪو حال احوال ئي نه ڏي.“

”پوءِ ان ڪان ته ايڪسري پلي.“ مون طنز ڪئي.

”نه مڃڻ کي ته نو ڪوٺ آهن.“ چيائين ” توسان ته هونءَ ئي نه پڇي سگهندس ان ڪري هاٽي هلو ته سي سائيڊ هلون چانھ اتي ئي ٿا پيئون.“ پوءِ بحث کي ختم ڪري سي سائيڊ هليا ويا سي.

هڪ ڏينهن اوچتو سندس شاديءَ جو هل اٿيو، امبر مون ڏانهن پڇندي آئي ۽ چيائين،

”هل ته سماج جي خلاف بغاوت ڪري ڪورٽ ميرج ڪريون.“

مان حيران ٿي ويس ته هي ڇا چئي رهي آهي، هن لاءِ ته جڻ ڪو مسئلو نه هجي.هئي جو ايڏي فارورڊ. پر پوءِ به ڳالهه ته اسان ٻنهي جي فائدي جي هئي. پر مان زبردستيءَ جو ڪائل نه هيس، سمجهايو مانس،

”نه امبر نه اسان صرف پنهنجي انا جي خاطر، پنهنجي پيار جي خاطر پنهنجي والدين کان بغاوت ڪريون. ڇا اهو اسان کي زيب ڏئي ٿو.“

حالانڪ ان وقت منهنجي دل به روئي رهي هئي.پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي رهيو هيس پر احمد صاحب جو ورتاءُ، عزت ۽ شفقت هر هر اکين آڏو پئي اچي ان لاءِ پنهنجي پيار کي قربان ڪندي امبر کان اقرار ورتم،

” ته پنهنجي والدين جي قدرن جي شناس رکي، انهن جي چوڻ تي هلي ۽ پنهنجي مڙس سان وفادار رهندينءَ.“

امبر حيرت، افسوس ۽ بيقينيءَ جي انداز ۾ منهنجو ليڪچر ٻڌي رهي هئي ۽ مسلسل منهنجي اکين ۾ گهوري رهي هئي. جڏهن سندس زبان چري ته دل چيري وڌائين، "وسيم مون کي خبر آ ته تون فرشتو آهين ۽ جيڪو ماحول تو اپنايو آ اهو به صرف منهنجي ڪري ته پوءِ مان ڪيئن ٻئي سان تي وفادار رهان. نه مون کان ائين نه پڄندو مان گهڻي اڳتي وڌي چڪي آهيان. اهي نصيحتون پنهنجو پاڻ وٽ رک، مان ڪا ڳالهه نه ٻڌنديس. تو کي منهنجو ساٿ ڏيڻو ئي پوندو. ان لاءِ ڪٽي چا به ٿي پوي.ورنه منهنجي ضد جي خبر اٿئي.تو کي ڪجھ ڪيان نه ڪيان پر پاڻ کي ختم ڪري ڇڏينديس." چئي هلي وئي.

مان بت بڻجي بيٺو رهيس، منهنجون سڀ ڳالهيون بيڪار ويون، سڄي رات تڙپڻ لڳس.ذهن الجهي پيو هو.هن جي ضد جي به خبر هئي ته انڪار تي ضرور ڪجھ ڪري وجهندي. آخر هن جي ضد ۽ پيار اڳيان دل هاري وينس ۽ فيصلو ڪيم ته جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو. ٻئي ڏينهن جڏهن اسان مليا سين ته ٻنهي جي چهرن تي مسڪراهٽ هئي ۽ اسان جا قدم ڪورٽ ڏانهن وڌڻ لڳا.

# حسرتون ۽ خواب

”سهيل تون افسانا چو نہ تو لکين.“ سائرا چيو.
”افسانہ ۽ مان.!“
”ها ان ۾ تعجب جي کهڙي ڳالهہ آ.“
”ڪٿي تون ان لاءِ تہ نہ ٿي چوين جو تون پاڻ افسانہ نگار آهين.“ غور سان هن ڏانهن ڏسي چيم.
”سائرا تو ۾ ۽ مون ۾ فرق اهو آهي تہ تون تہ آهين افسانہ نگار جڏهن تہ اجان مان ٻڄندس.پر مان چاهيان ٿو تہ منهنجون تحريرون معاشري جي عام مسئلن ۽ حقيقتن تي مبني هجن ۽ وري تنهنجو تہ موضوع محبت آ.“
“ تہ ڇا محبت جو حقيقت سان ڪو تعلق نہ آهي.” سائرا تيز لهجي ۾ چيو.
“ آهي پر مون کي تجربو نہ آهي.”
“حيرت آ اسد جهڙي رومانٽڪ شاعر جو دوست آهين ۽ وري محبت کان نا آشنا، منهنجو خيال هيو تہ ڪجهہ تہ ان جو اثر ٿيو هوندئي.”
اسد، مان ۽ سائرا هڪ ئي ڪاليج ۾ پڙهندا هيا سي.ڪلي پيم چيم،
“ ضروري تہ ناهي تہ شاعر سان گڏ شاعر ٿجي ۽ مجنونءَ سان گڏ مجنون ٿجي.”
سائرا کلي پئي مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ تيز اس ۾ ٿڌڙي هير لڳي هجي، خزان ۾ ڄڻ بهار آئي هجي. ڪافي وقت ڪانپوءِ سائرا کي جو ايڏو مسڪرائيندي ڏٺم تہ پهريون دفعو احساس ٿيو تہ ڪلندي ڪيڏي تہ خوبصورت لڳي رهي آهي. بس ان لمهي ئي ان جي مسڪرائيندڙ اکين ۽ ٻهڪيل چهري ۾ محبت جو راز پائي ويس.
“ڇا ٿيو، ڪاڏي گم ٿي وئين.” سائرا چيو تہ مان هوشيار ٿي پيس خيالن مان واپس ٿي پڇيم،
“ڇگو اهو ٻڌاءِ تہ مون کي تون افسانہ نگار ڇو ٿي ٻڻائڻ چاهين.”
“ان ڪري تہ تو سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪيان محبت جي موضوع تي، تو کي خبر آ تہ منهنجو پسنديده موضوع آ ۽ محبت تي لکڻ وارا منهنجا آئيڊيل آهن.” سائرا سنجيدگيءَ سان چيو.
“ پر اهو ضروري تہ ناهي تہ محبت تي لکڻ وارو شخص محبت بہ ڪندو هجي.” مون اعتراض ڪيو.
“ ها ضروري تہ ناهي پر ...........” چپ ٿي وئي.
“ڇگو اهو ٻڌاءِ توکي ڪنهن سان محبت ٿي آ.” ڌڙڪندڙ دل سان پڇيم.
“ ها ” مون تي تہ ڄڻ سڪتو طاري ٿي ويو. مون کي سائرا کان ان جواب جي توقع ئي نہ هئي.

" ڪنهن سان ؟" پاڻ کي قابو ڪندي چيم. ڪجھ گهڙيون خاموش رهي چيائين،
" ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آ ته جنهن سان اسان محبت ڪندا آهيون، اهو اسان جو ويجهو دوست هوندو آهي پر اسان ان سان اظهار ڪري نه سگهندا آهيون. اسان ڪيڏا به وڏا شاعر ۽ افسانانگار بڻجي وڃون پر اسان جي زندگيءَ ۾ هڪ موڙ اهڙو به ايندو آ جو اسان جا سڀ لفظ گم ٿي ويندا آهن ۽ ڪجھ چوڻ جي ڪوشش ۾ بيوس ٿي ويندا آهيون. سمجھ ته منهنجي به اها ئي ڪيفيت آ. ڪنهن مناسب موقعي تي ٻڌائي ڇڏيندي سانءِ. پر تون اهو ٻڌاءِ ته افسانا لکندين يا نه." سائرا ڳالھ جو رخ ئي ڦيرائي ڇڏيو.
" ڪوشش ڪندس، پر توکي ڪيئن خبر پوندي ته جيڪا ڪهاڻي مون لکي آ، سچي آ يا ڪوڙي."
" مان توکي چيو هيو نه ته جن کي محبت ٿيندي آ اهي ماڻهون محبت جو احساس پائي وٺندا آهن. توکي به ڪنهن لاءِ محبت پيدا ٿي ته مان پاڻهي محسوس ڪري وٺنديس."
" چڱو سائين اوهان جي خاطر ائين به ڪندا سي پر هاڻي اجازت گهرجي، ڪجھ ضروري ڪم به آ."
" چڱو الله حافظ." مسڪرائي ڏنائين ۽ ميز ڏانهن وڌي وئي جتي سندس اڌورو افسانو پيو هيو.
هاڻي مان هر وقت هن جي خيالن ۾ گم رهڻ لڳس، رڳو هن جا سپنا ڏسڻ لڳس ته سائرا ئي ته مونکي پيار جو احساس بخشيو آ، پر هن کي اهو احساس ڪنهن بخشيو. ڇا مان ئي؟. پر دل ڪنهن هڪ فيصلي تي بيهي نه سگهندي هئي ۽ روزانو خيال ايندا ويندا رهندا هئا.
مون ڪوشش ڪري افسانو لکيو جيڪو ڪجھ ئي مهينن ۾ شايع ٿي ويو تڏهن دل چيو ته سائرا سان ملڻ گهرجي پر ملڻ کان اڳ ئي ان جي فون اچي وئي.
" مبارڪ هجئي سهيل. تو منهنجو مان رکيو آ خبر اٿئي توکي به ايتري خوشي نه ٿي هوندي جيتري مون کي ٿي آ. بس اڄ جو اڄ گهر اچ ته مان تنهنجي افساني تي تبصرو به ڪيان ۽ تنهنجي سوال جو جواب به ڏيان." چئي ڪري فون رکي ڇڏيائين.
مان عجيب ڪشمش جو شڪار ٿي ويس سمجھ ۾ نه پيو اچي ته ڇا چوندي. ڪنهن جو نالو ڪٺندي. سخت بيچين ٿي پيس ۽ ان بيچينيءَ جي عالم ۾ ئي سندس سامهون ٿيس.مسڪرائي چيائين،
"سهيل! ڏس منهنجو اندازو صحيح نڪتو ته توکي واقعي ڪنهن سان محبت آهي جو تو پنهنجا جذبات دل کولي بيان ڪيا آهن. مان سمجهان ٿي ته اها وڏي خوش قسمت آ جنهن کي تو چاهيو آ." ٿورو لمحو ترسي چيائين،
" اها ڪير آ يلا."
مان ان وقت پنهنجون نظرون چورائڻ لڳس ۽ دل ئي دل ۾ فيصلو ڪرڻ لڳس ته ڇا چئي ڏيانس ته اها تون آ ته اوچتو خالا جو آواز آيو،
" سائرا فون اٿئي."

سائرا معذرت ڪري اٿي وئي. تيستائين محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ مهلت مون ڪي پنهنجي حق ۾ بهتر ثابت ٿي. ڪجهه ئي دير ۾ سائرا اچي وئي سندس لبن تي دلڪش مسڪرات ۽ اکين ۾ چمڪ هيس. ان وقت مون کي جڻ جنت جي پاڪيزه ۽ معصوم حور جو گمان ٿيو.ما پنهجي ڪيفيت تي قابو پائيندي پڇيومانس،

“ چگو پهريون تو ٻڌاءِ تہ ڪير آ. جيڪو تنهنجي افسانن ۾ محبت ٻڻجي چمڪندو رهيو آ.” تڏهن مسڪرائيندي ۽ اطمينان سان چيائين،

“ اسد ”

مون کي پنهنجي پيرن هيٺان زمين نڪرندي محسوس ٿي. ٿهڪن جي واديءَ ۾ آهون، سسڪيون سڏڪا گونجڻ لڳا.دل اندر رت جي لڪير نهي پئي. سائرا چوندي رهي،

“ خبر اٿئي اسد ئي مون کي پيار جو احساس بخشيو آ، منهنجي ڪري ئي ان شاعري شروع ڪئي ۽ مان ان جي لڪيل شاعريءَ ۾ محبت ڏسي افسانا لکڻ شروع ڪيا. ائين ئي اسان جي محبت جو اظهار ٿيندو رهيو آ. خبر اٿئي تہ ان جو تازو شاعريءَ جو مجموعو آيو آهي. جنهن جو عنوان آ ”محبت دل جي خوشبو آ.”

سائرا جو آواز سندس مسرت جو اعلان ڪري رهيو هو. اڄ ڏاڍي خوش لڳي رهي هئي، چيائين،

“ اڙي! تو تہ ٻڌايو ئي نہ تہ ڪير آ. سڀ ڪجهہ تہ مان ٻڌائي ويهي رهيس.”

تڏهن مون زبردستي مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي.هڪ آهہ دل مان نڪري لبن جي سرحدن تي دم ٽوڙي وئي. سائرا جا چيل لفظ ورجايم،

“ سائرا ڪڏهن ڪڏهن اسان جنهن کي چاهيندا آهيون اهو پلي ڪيڏو بہ اسان جي قريب هجي. پوءِ ڪٿي شاعر هجي يا افسانانگار پر ان سان اظهار ڪرڻ لاءِ الفاظ گم ٿي ويندا آهن ۽ اسان بيوس رهجي ويندا آهيون ۽ اها بيوسي زندگي پر بہ رهندي آ.” تڏهن ڳالهہ جو رخ ڦيرائيندي چيائين،

“ يلا تون افسانا لکڻ ڇڏي تہ نہ ڏيندي نہ!”

“ نہ اهو احساس مون کي تو بخشيو آ، مان ڇڏي نہ سگهندس.”

مان وڌيڪ بيهي نہ سگهيم. آخري ڀيرو سائرا جي دلڪش چهري تي نظر وجهي چيو مانس،

“ سائرا مان هلان ٿو هڪ افسانو اڌورو ڇڏي آيو آهيان.”

“ڇا نالو رکيو اٿئي ان جو.” ڏاڍي اشتياق سان پڇيائين.

“ اڻپوري محبت.”

# جيون تنهنجي نانءُ

اسپتال جي دل واري وارڊ ۾ رش لڳي پئي هئي.صبح جو ٽائيم هيو. مريضن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي. وارڊ جا تقريبن سيئي بيڊ مريضن سان سٽيا پيا هيا.جيڪي خالي هيا انهن ۾ نون ايندڙ مريضن کي داخل ڪيو پئي ويو. هڪ مريض عورت ڪنڊ ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. اوچتو ڪو ان جو سور وڌي ويو. جنهن ڪري تڙپي رهي هئي. اسان پنجن ڊاڪٽرن مان ان طرف ڪنهن جو خيال ئي نه ويو يا وري ڪنهن جو خيال ويو به ته نظرانداز ڪري ڇڏيائون. ڇو جو سرڪاري اسپتالن ۾ اڪثر ڪري بغير سفارش وارن مريضن سان اهڙو ورتاءُ رکيو ويندو آهي.اوچتو ان تڙپندڙ عورت وٽ هڪ خوبصورت ڇوڪري پهچي وئي ۽ ان جي چهري تي پريشاني ڇانئجي وئي. بغير ڪنهن دير جي مون وٽ پهتي. شايد ان ڪري جو انهن جي سامهون واري ڪمري ۾ مان هڪ مريض کي تپاسي رهيو هيس.

" ڊاڪٽر صاحب پليز منهنجي اميءَ کي ڏسو.پليز ڊاڪٽر هوءَ تڙپي رهي آهي."
منهنجي ٻانهن کي لوڏيندي چيائين.

مان بغير ڪجهه چوڻ جي جلدي مڙيس ۽ ان سان گڏ ان جي ماءُ وٽ پهتس جيڪا واقعي تڙپي رهي هئي. جلديءَ ۾ ان کي روم ۾ پهچائي آڪسيجن لڳرائي ۽ پينڪلر انجيڪشن هڻايون مانس. پنهنجي حصي جي دوائن مان ڊرپ لڳرائي پوءِ سندس ڌيءَ کي چيو مانس،

" انشاءَالله ڪجهه وقت ۾ آرام اچي ويندس."

تڏهن ويچاريءَ کي ڪجهه سڪون مليو ۽ مهرباني چيائين. جڻ ان لفظ سان شڪريو ادا ڪيائين. تقريبن ٻه ڏينهن انهن کي اسپتال ۾ لڳي ويا. ان وچ ۾ سندس نالي کان به واقف ٿيس ۽ سندس ماءُ دلشاد بيگم جي بيماريءَ جي وجه به معلوم ٿي. جيڪا سندس مڙس جي ٻي شادي هئي. اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ وقت ثوبيه کي چيم،

" هاڻي هيءَ ڪافي بهتر آ ۽ هي دوائون به ان کي ڏيندا رهو. باقي وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪيو ته هن کي ڪنهن به قسم جو ٽينشن نه ملي."

" بس ڊاڪٽر صاحب ٻي ته اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي پر بابا جي شادي ۽ وري هفتن جا هفتا گهر نه اچڻ اميءَ کي جهوري وڌو آهي."

" پر شاديءَ جو ڪو سبب هيو ڇا."

مان ذاتي سوال تي لهي آيس پر منهنجو مقصد صرف اهو هيو ته ڪنهن طرح سان انهن جي همدردي ڪجي ۽ مون ضروري سمجهيو ته جيئن اهي مطمئن ٿي وڃن ڇو جو مريض کي سيٽسفاءِ ڪرڻ ڊاڪٽر جو اخلاقي فرض آهي. ثوبيه ٻڌايو.

“ مان پنهنجي والدين جي اڪيلي ڌيءُ آهيان ۽ مون کان پوءِ يعني هن وقت 20 سالن تائين بابا کي ٻي ڪا اولاد ڪونه ٿي. ان وچ ۾ بابا اميءَ جا ڪافي علاج ڪرايا. مٿن مائٽن جي صلاح سان پيرن فقيرن تي به ويا سي پر وريو ڪجھ به ڪو نه.”

“ اوهه رب سائين بهتر ڪندو. بهرحال هاڻي توهان کي وڌ ۾ وڌ حوصلي ۽ همت کان ڪم وٺڻو پوندو . ڇو ته حوصلو انسان کي زندگي بخشي ٿو.” ان کان وڌيڪ مون پڇڻ مناسب نه سمجهيو.

“ اوهان جي وڏي مهرباني ڊاڪٽر صاحب.”

“ منهنجو نالو داڪٽر عارف آهي. صبح جو 9 کا 4 وڳي تائين ڊيوٽي آهي. ڪنهن به قسم جي پريشاني هجي ته هڪدم اچي سگهو ٿا.”

“ پر جي ڊاڪٽر صاحب ايمرجنسي ٿي پوي ۽ ............” اڳتي چئي نه سگهي.

“ هي منهنجو ڪارڊ آهي ان تي منهنجا موبائل نمبر لکيل آهن .” ڪارڊ وٺندي هڪ دفعو ٻيهر شڪريو ادا ڪيائين پوءِ هلي ويون. مان تيستائين کين ڏسندو رهيم جيستائين وارڊ جي گيٽ پار ڪري ويون.

اهڙا ڪيئي ڪيس آيا ويا پر منهنجي دل بيقرار نه ٿي. پر هن دفعي ته دل کي الائي ڪهڙي ڪيفيت اچي ورايو جو ثوبيه جو خيال دل مان نڪري ئي نه پيو. ثوبيه هئي ئي ايڏي حسين. هوءَ ويچاري آئي ته پنهجي پريشانيءَ ۾ هئي. جڏهن سندس پريشاني ختم ٿي ته دل منهنجي پريشان ڪري وئي. مون هفتو ڏيڍ ان ڪيفيت ۾ گذاريو پر ثوبيه جي ياد ويتر وئي دل ۾ آخيرو ڪندي به ڏينهن مس گذريا ته ثوبيه جي فون آئي.

“ السلام عليڪم! مان ثوبيه پئي ڳالهايان.ڊاڪٽر صاحب توهان سڃاتو.” هن جو آواز ٻڌندي ئي منهنجي ڪنن ۾ ڪنهن سنگيت جو ترنم ڇڙي پيو. مون هڪدم چيو.

“ جي بلڪل سڃاتو. توهان ٻڌايو خيريت ته آهي.”

“ ڊاڪٽر صاحب ٻيو ته خير آ پر اميءَ جو B.P شام جي ٽائيم تي وڌي ٿو وڃي ۽ هن وقت به وڌيل آهي. سو جيڪڏهن توهان وٽ ٽائيم ............ ” چپ ٿي وئي.

“مان هن وقت فارغ آهيان توهان پريشان نه ٿيو. توهان ٺوري ايڊريس سمجهايو مان جلديءَ ۾ اچان ٿو. ” هن ايڊريس سمجهائي ڇڏي. مون ان وقت ئي سندس نمبر فيڊ ڪري ڇڏيم. پوءِ تيار ٿي ثوبيه جي گهر پهتس. پهرين گهنٽي وڄڻ سان ئي ثوبيه در کوليو.

“ اچو ڊاڪٽر صاحب.” مسڪراهٽ سان ڀليڪار ڪيائين.

“ توهان کي منهنجو نالو ياد ناهي يا ڪٺڻ نه ٿا چاهيو.” ڊرائنگ روم ۾ صوفي تي ويهندي چيم.

“ نہ اهڙي ڳالھ نہ آهي عارف صاحب.” ساڳي ئي مسڪراهٽ برقرار هيس چيائين،
“ مان اميءَ کي سڏي ٿي وٺان.”

سندن گھر جي شان شوڪت ٻڌائي رهي هئي تہ ڪيتري پيسي ڏوڪڙ وارا آهن. ڪافي ڏينهن کان پوءِ ثوبيہ کي ڏٺو هيم. ان جي سونهن ۾ گم ٿي ويس. اڇ تيز بلو رنگ جي ڪپڙن ۾ هن جي سونهن چنڊ کي بہ مات ڏئيي رهي هئي. ايتري ۾ سندس ماءُ ۽ پاڻ ظاهر ٿيون. مان اٿي بيهي سلام ورايم، سندس امڙ چيو،

“ ويھ ابا ويھ الله خوش رکنديئي.” ثوبيہ سندس پر ۾ ويهي رهي. حال احوال وٺڻ کان پوءِ B.P چيڪ ڪيم ۽ ڪجھ دوائون لکي ڏنم. هاڻي هن جي ماءُ ڪافي مطمعن بہ هئي. هن حالات سان سمجھوتو ڪري ورتو هو. ڪجھ حال احوال ڪانپوءِ سندس امڙ ثوبيہ کي چيو،

“ ثوبي ڊاڪٽر لاءِ ڪجھ ڪڻي اچ.”

ثوبيہ اٿي وئي ۽ ڪجھ منٽن ۾ ٽري ۾ بہ گلاس پيپسي بوتل جا ڀريل ڪڻي آئي. سندس امڙ مون کان معذرت ڪندي اٿي وئي تہ مان آرام ٿي ڪيان. بوتل پيئندي ثوبيہ کان پڇيو،

“ ثونيہ توهان ڇا ڪندا آهيو منهنجو مطلب آ تہ توهان ڇا پڙهندا آهيو.”

“ MBA جي آخري سال ۾ آهيان.”

“ويري نائيس. اڳتي ڇا خيال آهي.”

“ جاب ڪرڻ جو ارادو آهي.”

“ مان سامجھان ٿو توهان کي جاب جي ضرورت نہ آهي.”

“ ضرورت تہ نہ آهي الله جو ڏنو سڀ ڪجھ آهي پر سڄو ڏينهن گھر ۾ بور ٿيڻ جي ڪري ڪجھ تہ ايڪٽيوٽي هجي.”

“ واقعي ماڻهوءَ کي ٿورو گھڻو مصروف رهڻ گھرجي نہ تہ بوريت بہ هڪ قسم جي بيماري آهي. ۽ ها مان هر قسم جي بيماريءَ جو علاج ڪري سگھان ٿو.”

“ مثلا........” ثوبيہ خالي گلاس ڪٽندي چيو.

“ مثلا، جيڪڏهن توها بور ٿيو تہ بہ مونکي گهرائي سگھو ٿا.”

“ ان لاءِ توهان کي تڪليف نہ ڏبي بلڪ مان پاڻ توهان ڏي هلي ايندس. منهنجو ڪاليج توهان جي هاسپيٽل جي ويجھو ئي تہ آهي.”

“ موسٽ ويلڪم. ۽ ها توهان جي ڪري منهنجي پڻ بوريت ختم ٿي ويندي.”

“ تہ ڇئبو توهان بہ ان بيماريءَ جو شڪار آهيو.” ٽهڪ ٻنهي کان نڪري ويا.

“ OK صوبيہ. ”

“خدا حافظ. توهان جي وڏي مهرباني. ”

“ ها ٻي ڳالھ ..... ”

“ ڪهڙي. ”

“ اها ئي هر هر مهرباني نہ چوندا ڪيو. ” تڏهن مسڪرائي ڪنڌ سان ها ڪيائين.

ٻہ ڏينهن ٿي گذري ويا. ان وچ ۾ مسلسل هن جي ياد تڙپائي ڇڏيو. بيقرار ٿي پيس. مون محسوس ڪيو تہ مون کي ڇا ٿيندو ٿو وڃي. رڳو بيچيني، بيقراري. ڪنهن بہ شيءِ ۾ مزو نہ ٿي آيو. هوءَ منهنجي ضرورت بڻجي پئي. انهن سوچن ۾ غرق آفيس ۾ وينو هيس تہ اوچتو ئي السلام عليڪم جو آواز آيو. ثوبيہ کي ڏسندي ئي اٿي بيٺس.

" اچو ويهو پليز."

ايڏي تہ دل کي وڻندڙ سينٽ لڳل هيس جو منهنجو سڄو ڪمرو خوشبوءِ سان ٻهڪي اٿيو. مان تہ اڳ ۾ ئي هن جي يادن جي سحر ۾ گم هيس ويتر ٻهڪي پيس. ثوبيہ اڄ تہ صفا قهر پئي لڳي. ميرون ڪلر جي ڊريس پهريل، سندس رئو ٻنهي ڪلهن ڪا ٿيندو سندس ڇاتين جي سرحدن تائين پيل ۽ ان جي مٿان ٽورو ڳچيءَ وارو حصو ظاهر. جنهن ۾ وري خوبصورت سونو هار پيل. ڪنهن مصور جي شاهڪار کان بہ وڌيڪ حسين لڳي رهي هئي.

" خبر اٿو. مان توهان جي باري ۾ ئي سوچي رهيو هيس، بلڪ مسلسل ٻن ٽن ڏينهن کان بيقرار."

" ڇو ڀلا مون ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالھ آهي."

" خاص ڳالھ! منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي اٿوَ."

کلي پئي. " نہ نہ منهنجو مقصد اهو نہ آهي." سندس ٽهڪن ماحول کي ويتر معطر ڪري ڇڏيو.

" ثوبيہ يقين ڪريو منهنجي گهڻي ڪوشش جي با وجود بہ توهان منهنجي دل دماغ مان نڪري ناهيو سگهيا. واقعي پيار اهڙي ڪيفيت جو نالو آهي جيڪو ڪٿي بہ ڪيئن بہ ۽ ڪهڙي بہ طرح ٿي وڃي ٿو، ان ۾ ڪنهن جو وس نہ ٿو هلي سگهي. ثوبيہ اها درخواست توهان جي سامهون آهي پر ها، هي ٽيبل تي پيپر ويٽ بہ موجود آهي. توهان چاهيو تہ منهنجي مٿي تي استعمال ڪري سگهو ٿا."

ثوبيہ کلي پئي ٽهڪ ڏئي رهي هئي، ما سندس اکين ۾ تڪي رهيو هيس چيائين،

" عارف هن پيپر ويٽ جو وزن ڪيترو ٿيندو."

" گهٽ ۾ گهٽ اڌ سير جيترو تہ ٿيندو ئي ٿيندو." وري اچي کل ۾ پئي چيائين،

"جڏهن توهان جهڙي ماڻهوءَ جو وس نہ هليو تہ ڀلا مون جهڙيءَ جو وس ڪيئن ٿو هلي سگهي. مان پاڻ ان ڪيفيت جو شڪار هيس پر شڪر ٿيو جو شروعات توهان ڪئي، نہ تہ ان اذيت ۾ الائي ڪيترو وقت لڳي وڃي ها."

مان تہ ٿڙي پيس پاڻ کي ڪمري ۾ نہ پر ڪنهن گلستان ۾ محسوس ڪيو جتي گل مکڙيون کولي اسان جي پيار کي لبيڪ چوندا هجن. چيم،

"اذيت کان تہ بچي ويا سي پر اڃا تہ پيار جي پلصراط پار ڪرڻي آهي."

" ڪري ويندا سي، جڏهن ٻئي همسفر هڪ ئي راھ تي هجن تہ منزل ملي ويندي آهي."

" واھ واھ ڇا تہ حوصلو آ." سندس اهڙين ادائن تي دل اڇلون ڏئي رهي هئي.

“ثوبيہ هلو تہ ٻاهر ڪٿي ٿا ويهون. هتي تہ هر هر ڊاڪٽر ايندا ويندا. ان ڪري.........” جملو اڌ ۾ ڪٽيم.

“ڪباب ۾ هڏي نہ ٿيڻ جي وجھہ.” فل موڊ ۾ هئي.

“ها بلڪل.” ٻئي کلندي اٿي اچي ڪار ۾ وينا سي.

اسپتال جي گيٽ ٽپي گاڏي ڪلفٽن طرف موڙي تہ جيئن مڪڊونلڊس برگر کائجي. گاڏي چڱي رفتار سان هلائي رهيو هيس. KPT سگنل تي اچي گاڏي روڪي. جيستائين سگنل کلي تيستائين گاڏين جا انبوھ لڳي ويا. اتي ننڍڙا ڇوڪرا اخبارون کپائي رهيا هئا تہ ڪي وري گجرا رابيل جا گل. انهن جا نهيل هار، ڪنگڻ کپائي رهيا هئا. هڪ ننڍو ڇوڪرو ثوبيہ واري سائيڊ کا اچي بيٺو ۽ پنهنجي انداز ۾ چوڻ لڳس،

“ گجرا وٺو ڏاڍا خونصورت گجرا. بيگم صاحب ڏاڍا خوبصورت گجرا آهن ”

“هي ڏسو ٻاهن ۾ پائڻ لاءِ، هي وارن ۾ وجھڻ وارا، تمام سٺا گجرا آهن. بيگم صاحب توهان کي ڏاڍا سٺا لڳندا.”

“مان ڪڏهن اهي پاتا ناهن.” مون ڏي ڏسي چيائين.

“اڄ ڪٽي پائي ڏسو منهنجي ڪري.”

تڏهن ہ گجرا وارن وارا ورتائين ۽ ان وقت ئي پنهنجي وارن ۾ ڪائنٽن سان چنبڙائي ڇڏيائين.مان سندس سونهن جي اهڙي سنگم کي ڏسي مدهوش ٿيڻ لڳس.ايتري ۾ سگنل ہ کلي ويو.مون جلديءَ ۾ ڇوڪري کي پيسہ ڏنا ۽ گاڏي اڳتي وڌائي ڇڏي.

اهو ڏينهن اسان جو ڏاڍي لطف اندوز نموني گذريو، اهڙا ڪي ئي ڏينهن گذري ويا، ڪي ئي شامون گذري ويون.ڪڏهن سمنڊ جي بيتاب ڪناري ڪڏهن ڪورنگيءَ جي سنسان روڊن تي لانگ ڊرائيو ڪندي. بس زندگي صحيح رفتار سان پنهنجي منزل ڏي وڌي رهي هئي.مان تہ ثونيہ جي گهر جو فرد ٿيڻ جي چڪو هيس. سندس ماءُ ڏاڍو مان ڏيندي هئي. حالانڪ هوءَ اسان ٻنهي جي باري ۾ سڀ ڪجھ ڄاڻندي هئي. ثوبيہ ئي ٻڌايو هيو تہ مان اميءَ کان ڪجھ ہ ناهيان لڪائيندي.

ثوبيہ جي برٿ ڊي مون کي ياد ئي ڪو نہ هئي. ان جو سبب ثوبيہ پاڻ ئي هئي. مان سندس محبت ۾ جو ايڏو مست ٿي چڪو هيس. ثوبيہ پاڻ ئي انوائيٽ ڪيو.

“جناب منهنجي سڀاڻي سالگرھ آهي. سو ياد ہ اٿو يا وساري ڇڏيو.”

“ اوھ مون کي ياد ئي ناهي. ضرورت ہ ڪهڙي آ توهان جو مون کي هر وقت ياد آهيو.”

“ هيڏو سارو اهم ڏينهن ۽ وري چئو ٿا تہ ياد ناهي. بس ناهي ڳالهائڻو توهان سان.” ڪاوڙجي پئي پر ڪاوڙ جو انداز نڪريلو هيس. منهن ٻئي پاسي ڪيائين مان سندس سامهون ٿورو جهڪي چيومانس،

“ شهزادي حضور، واقعي بندو سزا جو حقدار آهي. اوهان جيڪا ہ سزا تجويز ڪندا بندو ڀوڳڻ لاءِ تيار آهي.”

اکيون اکين ۾ ملائيندي چيائين، “ اسان ان سزا ۾ نرمي تا ڪيون ڇو جو مجرم پاڻ اعتراف ڪيو آ ۽ سزا ڪنهن ٻئي دفعي ٻڌائي ويندي.” جملو پورو ٻه نہ ڪيائين تہ اچي ٿهڪن ۾ پئي ۽ مان سندس ٻهڪندڙ چهري مان سونهن جي موتين جي مالها جوڙيندو رهيس.

طارق روڊ تي چارڪلاڪ لڳي ويا صرف ان ڪشمش ۾ تہ تحفو ڪهڙو وٺان. ثوبيہ بہ منهنجي هيلپ نہ ڪئي ان تہ اهو ئي چيو هيو تہ مان ڪو بہ تحفو پسند نہ ڪنديس جيڪو بہ توهان جي طرفان هوندو اهو ئي مون ڪي قبول هوندو. آخر سوچي سوچي جيولريءَ جي دڪان تان هيري جي منڊي ورتم. اهو سوچي ورتم تہ اڪثر ماڻهون شادين ۽ مڱڻين تي منڊيون ڏيندا آهن پر مان ان روايت جي خلاف سالگرهہ تي منڊي ڏيندس.

ٻي ڏينهن شام جو پوري ستين بجي پهچي ويس. سڄو ڊرائنگ روم گلن سان سجايل هيو ۽ حيرت جهڙي ڳالهہ اها هئي تہ سڀ گل تازه هيا. ثوبيہ ڪاري ڊريس ۾ ڪنهن مصور جي اپسرا ڪان بہ وڌيڪ لڳي رهي هئي.

“ثوبيہ لڳي ٿو مان هتي گهڻو وقت ويهي نہ سگهندس.”

“ڇو!طبيعت صحيح ناهي ڇا.”

“ طبيعت تہ صحيح آ پر هيترن سارن گلابن جي خوشبوءِ ۽ وري اڄ تنهنجي حسن جو جلوو مون ڪي بيهوشيءَ جو خمار مدهوشين جي وادين ۾ ٿو ڌڪيندو وڃي.”

“اوهہ. تيستائين پاڻ بچائجو جيستائين ڪيڪ تہ ڪٽي وٺون.”

“نيڪ سائين. اهو ضبط بہ ڪري ٿا وٺون. پلا ڪي مهمان ظاهر ناهن ٿيا يا اچا دير سان اچڻا آهن.”

“توهان جو اچي ويا آهيو تہ ٻئي ڪنهن مهمان جي ڪهڙي ضرورت.”

“پر پوءِ بہ.” مون وڌيڪ اسرار ڪيو.

“نہ اسان ٻئي ڪنهن کي بہ انوائيٽ ناهي ڪيو. هونءَ بہ امي ۽ مان پاڻ ۾ سالگرهہ ملهائيندا آهيون ۽ هن دفعي توهان جو اضافو ٿيو آ.”

“۽ توهان جو والد صاحب.”

“ان جي تہ صورت ڏسڻ لاءِ سڪون ٿا. پليز ان ذڪر کي ڇڏيو ورنہ اميءَ جو موڊ خراب ٿي ويندو.”

“I am very sorr ڇڱو سائين پلا مون غريب جي طرفان هي تحفو قبول فرمايو.”

منڊيءَ وارو باڪس هن ڏانهن وڌايم. باڪس کوليندي چيائين،

“ايڏي خوبصورت منڊي! ڇا تہ اوهان جي پسند آ.”

“پر توهان ڪان وڌيڪ خوبصورت ناهي.”

“ تہ پوءِ پائڻ جو شرف بہ اوهان ئي بخشيو.”

“ منهنجي ايڏي مجال.”

“پليز.” هن اسرار ڪندي هٿ وڌايو.

مان سندس نرم ۽ نازڪ ڪير جهڙي اڇي آڱر ۾ منڊي پارائي جنهن سندس حسن ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو. جيئن چنڊ ۾ستارو چمڪندو آهي. ثوبيه جي امي به اچي وئي. ثوبيه اميءَ کي منڊي ڏيکاريندي چيو،

”امي هي ڏسو منهنجي لاءِ عارف ڪيڏي نه سٺي منڊي آندي آهي.“

”واقعي سٺي آهي پر پٽ اهڙي قيمتي تحفي جي ڪهڙي ضرورت هئي.“

” نه امي اهڙي قيمتي نه ناهي بس منهنجي دل کي وڻي وئي سو وٺي چڏيم.“

”پٽ الله توکي خوش ڪندو. سچ پڇين ته منهنجي دعائن ۾ ثوبيه سان گڏ تون به شامل آهين.“

”اها اوهان جي شفقت ۽ محبت آ ورنه مان ان قابل ناهيان.“

”امي هاڻي اچو ته ڪيڪ ڪٽيون. بک به لڳي آ.“

تڏهن ٽئي ڪلندا ان سينگاريل ٽيبل تي آيا سي جتي ڪيڪ رکيل هو. ثوبيه ڪيڪ ڪٽيو ته مان ۽ اميءَ تاڙيون وڄائي ثوبيه کي مبارڪ ڏني. ثوبيه ڪيڪ جو ٽڪرو پهرين اميءَ کي ۽ پوءِ مون کي کارايو۽ پوءِ هڪڙو ٽڪرو ڪٽي ثوبيه کي کارايم.

” هاڻي بغير ڪنهن دير جي سٺي هوٽل تي هلي ڊنر ٿا ڪيون.“ ثوبيه جي اميءَ اعلان ڪيو ۽ اسان ٻنهي هٿ مٿي ڪري ييس چيو.

ان رات دير سان گهر آيس. پر اڄ هڪ سوچ شدت سان محسوس ٿي جيڪا ثوبيه جي پيءُ جي باري ۾ هئي. هن کان اڳ به ڪافي دفعه اهو خيال آيو هيو پر اڄ ڳالهه وڌيڪ ڪٽڪي رهي هئي. مون کي ايترو وقت ٿي ويو هو ثوبيه وارن سان گذاريندين پر مون ڪڏهن به هن جي پيءُ کي ايندي ويندي نه ڏٺو نه وري ڪنهن ٻئي مٽ مائٽ ۽ مهمان کي. ڪافي دير تائين سوچيندو رهيس.

ٻي ڏينهن ثوبيه ۽ مان سفاري پارڪ جي ٽڪرين تي پربهار هوا سان لطف اندوز ٿي رهيا هيا سين. مونکي نه اڻ تڻ هئي سو ذڪر ڇيڙيندين چيومانس،

” ثوبيه مون تي ڪيترو اعتبار ڪرين ٿي.“

” پاڻ کان به وڌيڪ.“

” نه ثوبيه ائين ناهي. مون کي ڪٿي ڪٿي کوٽ محسوس ٿئي ٿي.“

” کوٽ محسوس ٿئي ٿي ! هي اڄ ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين.“

” ها ثوبيه جڏهن تون مونکي زندگيءَ جو حصو به سمجهين ٿي ۽ ايڏي وڏي اعتبار جي دعويٰ به ڪرين ٿي. پوءِ به مونکان اڄ تائين هڪ تلخ حقيقت لڪائي اٿئي.“

سندس منهن جو پنو ئي لهي ويو. ٽڙيل چهرو مرجهايل مکڙي ٻڻجي پيو.

” ڪهڙي تلخ حقيقت. اڄ تو کي ڇا ٿي ويو آهي.“

” ثونيه منهنجو مقصد تنهنجي پپا جي باري ۾ آهي.“

” عارف مان توکي ڪيترا ڀيرا ٻڌايان ........“

” نه توهان جي پپا ٻي شادي ڪئي آهي.“ مون سندس جملو اڌ ۾ ئي ڪٽي ڇڏيو. “ نه ثوبيه نه. صرف ٻي شاديءَ جي ڪري توهان جي پپا جي ايڏي لاتعلقي ۽ وري توهان جي

ان سان. نہ ثوبيہ نہ. حقيقت ڪٽي ڇا بہ هجي پرڏس منهنجو توسان اهو واعدو آ تہ مان توسان نڀائيندس."

" مون کي انهيءَ گهڙيءَ جو ئي خطرو هيو عارف! ڪڏهن اهڙي قسم جو حقيقتون کلڻ سان ماڻهونءَ جو اعتبار نہ بہ رهندو آهي. سو مان نہ ٿي چاهيان تہ تون بہ ائين چوين تہ مان بيوس آهيان. يقين ڪرين نہ ڪرين مان توکي وڃائڻ نہ ٿي چاهيان." ثوبيہ جي آواز ۾ ورهين جو درد لهي آيو.

" پر ثوبيہ سيئي ماڻهون هڪجهڙا نہ هوندا آهن. تون بہ تہ يقين ڪري ڏس."

" ٺيڪ آ عارف! هاڻي منصف بہ تون آ ۽ مان تنهنجي ئي انصاف کي پنهنجي زندگي سمجهنديس." هن هر طرح سان انصاف جو پلوءُ منهنجي ڪِڇيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. ڳالهہ کي وڌائيندي چيائين،

" منهنجي ماءَ دلشاد بيگم طوائف هئي ۽ جنهن ماڻهوءَ منهنجي ماءُ جي زندگي تباهہ ڪئي مان ان کي پيءُ چوڻ بہ مناسب نہ ٿي سمجهان."

شعور جي واڳ ورائڻ کان پهرين مونکان بي اختيار نڪري ويو،

" ڇا ؟" مان پنهنجي سموري وجود سان ڪنبي ويس. هن هيڏانهن هوڏانهن ڏسندين منهنجو روح فنا ڪري ڇڏيو. چيائين،

" پليز عارف چپ ڪر ورنہ مان ٻڌائي نہ سگهنديس، جيڪو شخص پاڻ کي شرافت جو علمبردار سمجهندڙ، حويلن ۾ شهزادن وانگر پلجندڙ منهنجي ماءُ کي تہ ان دنيا مان ڪڍي آيو، محبت ۽ شاديءَ جا وچن بہ ڪيائين تہ تون صرف منهجي آن . هن دولت جا ڍير بہ لڳائي ڇڏيا. پر جڏهن پنهجي ماءُ جي ڪک ۾ مون پلجڻ شروع ڪيو تہ ان ماڻهوءَ اکيون ڦيريون. ان کان سڀ وچن اقرار وسري ويا. پوءِ تہ گهڻو ڪجهہ ٿيو پر اميءَ مون کي وڃائڻ نہ ٿي چاهيو ۽ اميءَ اهو ئي فيصلو ڪيو تہ ڪجهہ بہ ٿي پوي پر مان ان ماڻهوءَ جو مقابلو ڪري نہ سگهندس. اميءَ جنهن دنيا کي ڇڏيو هيو سو اوڏانهن واپس نہ وري ۽ اهو شهر ئي ڇڏي هتي هڪ سنو گهر ورتائين ۽ پنج دوڪان بہ. جيڪي اڄ تائين ڪرائي تي ڏنل آهن جن مان ئي اسان جو گذارو ٿئي ٿو."

" بس ثوبيہ بس. اجان ڇا بچيو آ ٻڌائڻ لاءِ." پر هوءَ ڳالهائيندي رهي ۽ گهاوءَ مٿان گهاوءَ ڏيندي رهي. ثوبيہ کي گهر ڇڏي بغير ڪجهہ چوڻ جي واپس ٿيس تہ ثوبيہ چيو،

" مان تنهنجو انتظار ڪنديس."

مان تہ تڙپي پيس. ڪنهن مهل وهاڻي ۾ منهن هڻي پيو روئان تہ ڪنهن مهل آلين اکڙين سان دريءَ جي پرسان پيو بيهان. مان هن کي ڇڏي آيس پر جهاڳڻ لاءِ سوچن جو سمنڊ ڪٽي آيس. ثوبيہ منهنجي زندگيءَ جي سوپيا ۽ سجاڳپ هئي. مان هن کي وڃايان ٿو تہ پنهنجو پاڻ کي ٿو وڃايان پر جي پنهنجو ٿو بڻايان تہ وري معاشرو ٿو اذيت ڏئي. هوءَ منهنجي زندگيءَ جي روشني هئي. مان سوچن جي بہ واٽي تي ٽنگجي پيس. سوچي سوچي ٿڪجي پيس. نيٺ منهنجي ضمير ئي حوصلو ڏنو تہ " ڪهڙي معاشري جي ٿو ڳالهہ ڪرين ان معاشري جي، جيڪو طوائفن ڏي وڃڻ وارن اشرافن جي پردهہ پوشي ٿو ڪري ٿو

ڪري. انهن جي دولت ۽ عزت جا ڪلما تو پڙهي ۽ جڏهن اها ئي طوائف زندگيءَ جي طرف موٽي تي تہ وري ان ڏي ئي تو آڱريون ڪٽي. ڇا محبت ان جو نالو آ. ڇا پيار ان جو نالو آ تہ هوءَ ڇا هئي، ڇا آهي ۽ ڇا رهندي.”

مون کي سڪون ملندو ويو ۽ سوچن جو بار هلڪو ٿيندو ويو. منهنجي دل مطمعن ٿي وئي. اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي تہ محبت محبوب جي ها ۾ ها ملائڻ جو نالو آهي. مون فيصلو ڪري ڇڏيو تہ ڇا بہ ٿي پوي مان سڀاڻي ثوبيہ ڏي ويندس. ضرور ويندس. چوندس،

”ثوبيہ تون منهنجي آن، تون جيئن بہ آن، جهڙي بہ آن منهنجي آن. ها! بس منهنجي آن.“

# جي جيءَ کي جيئارين

مان ڊاڪٽر روزينه کي گهر تائين ڇڏڻ آيس ڪنڌ جهڪيل ۽ ڇهري تي سوچ جون ريکائون ڇٽيون هيس، مون کان ڪجهه لڪائي رهي هئي. صوفيه جن جي فيملي ڊاڪٽر آ. پهر بي پهر نياپو مليس ته هڪدم هلي ايندي آهي، هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ چيائين،

“پريشان ٿيڻ جي ڪا ڳالهه ناهي سڀ ڪجهه نيڪ ٿي ويندو.”

سندس لهجي ۾ مايوسي هئي سمجهي ويس ته هوءَ صرف دلاسو ڏئي رهي آهي، ڪار ۾ ويهندي چيائين،

“اڄ رات منهنجي ڊيوٽي ناهي گهر ۾ هونديس جنهن وقت به صوفيه کي تڪليف ٿئي هڪدم فون ڪجانءِ.”

ڊاڪٽر روزينه وڃي چڪي هئي. مون محسوس ڪيو ته صوفيه اڄوڪي رات ڪڍي نه سگهندي، موت اڳيان زندگيءَ جي بازي هارائي ويندي. صوفيه تي غشي طاري هئي نڪ جون ناسون ٿوريون ڦنڊجي ويون هيس ۽ سندس چپ هڪٻئي کان ڌار، سيني ۾ ساهه ڏوٽيءَ وانگر هلي رهيو هيس. اڄ هوءَ پنهنجي زندگيءَ جا راز، تڪليفون ۽ ڏک پاڻ سان کڻي وڃي رهي هئي. مان ته ڦٿڪي پيس موت مون کي پنهنجي اوسي پاسي محسوس ٿيو. مان سندس کٽ جي پرسان ويهي رهيس ۽ سوچيندو رهيس ته اڄ رات صوفيه مون کي هن دنيا ۾ اڪيلو ڪري ويندي. پيار ۾ ٿيل واعدا پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهندا، بيپناهه پيار ۽ پاٻوهه مان سندس ڇهاءُ محسوس ڪري نه سگهندس.

مان ٽڪ ٻڌي صوفيه ڏانهن ڏسندو رهيس، ساڳس ڳهاريل گهڙيون مون کي وڍ ڏئي رهيون هيون. حد کان وڌيڪ سونهن رکندڙ صوفيه جڏهن پهريون دفعو آئي هئي ۽ چيو هئائين،

“ اسان جي فليٽ جي ٽانڪيءَ ۾ پاڻي ختم ٿي ويو آهي جيڪڏهن توهان وٽ آهي ته هڪ به بالٽي گهرجي.”

“جي بلڪل، توهان جيترو چاهيو کڻي سگهو ٿا.”

مان حيران به هيس ته خوش به، شڪر ٿيو ته ڪجهه سلسلو اڳتي ڇريو. هونءَ ته مان سدائين هن کي ايندي ويندي ڏٺو هيو، ڪيترا ڀيرا ته هڪٻئي جي آمهون سامهون به ٿيا هئا سين پر پاڻ ۾ ڳالهايو نه هيو سي.حالانڪ ما محسوس ڪندو هيس ته هوءَ به سمجهي وئي آهي ته مان هن ۾ دلچسپي ٿو وٺان.صوفيه جي ماءُ سيڪنڊري اسڪول جي هيڊماسترياڻي هئي، سندس به ننڍا ڀيڻ ڀاءُ جيڪي مڊل ڪلاس جي اسڪول ۾ پڙهي رهيا هيا. سندس والد وفات ڪري چڪو هيو ۽ صوفيه پاڻ هڪ اداري ۾ ڪم ڪندي هئي.

كافي وقت هڪبئي جي آمهون سامهون رهندي ماڻهونءَ کي هڪبئي جي چال چلت جي خبر پئجي ويندي آهي.صوفيہ جن کي بہ منهنجي خبر هئي تہ رهي تہ بيچلر ٿو پر هنن کي مون کان ڪڏهن ڪا شڪايت نہ ٿي هئي. جنهن ڪري آهستي آهستي صوفيہ وارن سان منهنجي بيتڪلفي ختم ٿيندي وئي.مون کي اڪثر ٿڌي پاڻيءَ جي ضرورت پوندي هئي جيڪا هنن کان پوري ٿي ويندي هئي. صوفيہ جي ماءَ مسز شهناز کي آنٽي سڏيندو هيس. هڪ ڏينهن مٿي ۾ ڏاڍو سور ٿي پيو جنهن ڪري ڪاليج بہ وڃي نہ سگهيس. فليٽ جو دروازو کليو پيو هيو، مان فليٽ ۾ موجود هوندو هيس تہ اڪثر در کليو رکندو هيس.آنٽي شهناز آئي ستل ڏنائين تہ آواز ڏنائين،

"فراز ڇا ٿيو اڄان ڪاليج نہ ويو آهين ڇا ؟ هن مهل تائين دروازو کليو پيو آ."

مان جلدي اٿي ويهي رهيس، "ها آنٽي اڄ ڏاڍو مٿي ۾ سور آ ان ڪري سمهيو پيو آهيان."

"پوءِ توهان گوري ڪاڌي آهي. نہ تہ مون وٽ موجود آهن."

"نہ آنٽي ان جي ضرورت نہ آهي، ٿورو آرام ڪرڻ سان لهي ويندو."

"ڪونہ ٿو لهي ائين. مان صوفيہ کي چوندي ٿي وڃان توهان کي گوري ڏئي ويندي، ڪائي ڇڏجو ۽ ها مان واپسيءَ تي توهان کان پڇا ڪنديس."

ڇئي آنٽي هلي وئي.مون کي ڏاڍو پنهنجائپ جو احساس ٿيو.دل ئي دل ۾ سندس شڪريو ادا ڪيو.ڪجھ وقت ۾ صوفيہ آئي بہ ڪوپ چانھ جا ۽ پونسٽان جي گوري ڪٽي. ويهندي چيائين،

"پهرين گوري کائو ۽ پوءِ چانھ پيئو."

چانھ جو ڪوپ پنهنجي پرسان رکي گوري پاڻيءَ سان ڳهي چيم،

"توهان جي وڏي مهرباني."

"ان ۾ مهربانيءَ جي ڪهڙي ڳالھ آ، اهي تہ ننڍا ننڍا مسئلا ٿيندا رهندا آهن."

"پر پوءِ بہ ڪجھ تہ شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي."

"هرو ڀرو ضرورت نہ هوندي آهي." چيائين"اهي روايتي جملا آهن ٿوري ٿوري ڳالهين تي ماڻهن کان ادا ٿي وڃن ٿا."

"ڏاڍا هوشيار آهيو، توهان تہ فلسفو ٿا ڳالهايو." چانھ جو ڍڪ ڀرڻ کان پوءِ چيم.

"ڇا مطلب آ توهان جو، توهان سمجهو ٿا تہ ........ ؟"

"نہ نہ منهنجو مقصد آ توهان تہ ڏاڍيون سنيون ٿا ڳالهيون ڪريو." هٿ جي اشاري کي نہ ڪري چيم.تڏهن صوفيہ مسڪرائڻ لڳي سندس مسڪراهٽ ڏسي منهنجو تہ مٿي جو سور ئي ويندو رهيو. تڏهن اوچتو خيال آيو، پڇيم،

"توهان ڀلا آفيس نہ ويا آهيو. ڇو؟"

"ٻن ڏينهن جي موڪل ورتي اٿم."

"ڪو خاص سبب."

"بس ٿڪاوٽ جي ڪري، سوچيم تہ ڪجھ ريسٽ ڪيان."

“تڪاوٽ جي ڪري موڪل.واھ! توهان تہ آفيسر آهيو ٻيو وري ڇا.”

تڏهن وري منهنجي متي جو سور ياد پيس ۽ ٿوري تيز لهجي ۾ چيائين،

“ڇگو ڇڏيو انهن ڳالهين کي، توهان کي آرام ناهي ڇا ڪرڻو. منجهند جو امي بہ اچي ويندي پوءِ ان سان ويهي حوال ڪجانءِ.”

ويندي ويندي چيائين، “دروازو لاڪ ڪري ڇڏجو.” پوءِ دروازو پاڻ ئي زور سان بند ڪري هلي وئي.

هاڻي تہ انهن سان ايترو ملي جلي ويس جو انهن جو هڪ فرد بڻجي پيس.انهن وٽ اچڻ وڃڻ، کائڻ پيئڻ مطلب تہ ڪو حجاب نہ رهيو.صوفيہ ۽ مان هڪٻئي جي تمام ويجهو ٿي ويا سي.هڪٻئي جي اکين ۾ لڪيل محبت هڪٻئي جي دلين تائين پهچائي ڇڏي سي.

هڪ ڏينهن آنٽيءَ سميت صوفيہ سان سمنڊ تي آيس. جهڙالي موسم ۾ سمنڊ جو نظارو ڏاڍو دلڪش لڳي رهيو هيو.آنٽي ٻارن کي کيڏائڻ ۾ پوري هئي جڏهن تہ صوفيہ ۽ مان گهٽو پري نڪري آيا سي ۽ هٽ سان آنٽيءَ کي اشارا بہ ڪيون پيا تہ اتي ئي ٿا پيا ڦرون.اسين هڪ وڏي پٿر تي ويهي رهيا سي.سمنڊ جون لهرون پٿر سان ٽڪرائجي واپس پيون وڃن ۽ انهن جون ڦينگون اسان کي راحت پيون بخشين، صوفيہ کان ڳالهين ئي ڳالهين ۾ پڇيم،

“هاڻي اڳتي ڇا خيال آ منهنجو مطلب آ تہ فيوچر جي باري ۾.....”

“سمجهان ٿي، شاديءَ جي باري ۾ ٿو چوين نہ.” منهن سمنڊ طرف ڪري چيائين ۽ ڪنهن وشال سوچ ۾ گم ٿي وئي.

“ها، ڇا ان ڳالھ جي ضرورت ناهي.” مون پنهنجو هٿ هن جي هٿ مٿان رکي ڇڏيو.

“پر ڇا اهو ضروري آ تہ جنهن سان محبت ٿئي تہ شادي بہ ان سان ئي ٿئي.”

“ضروري تہ ناهي پر جيڪڏهن بہ دليون راضي هجن ۽ ڪنهن حد تائين انڊراسٽينڊنگ بہ هجي تہ آخر حرج ئي ڪهڙو آ.”

“حرج تہ ناهي پر بہ ...........” سندس هٿ جو زور منهنجي هٿ تي وڌي ويو.

“پر وري ڇا، ڇا توکي انڪار آهي؟”

“انڪار تہ ناهي پر في الحال ان مسئلي تي سوچڻ ئي نہ ٿي چاهيان.”

“ڇا يلا سائينءَ جن جي ٻي ڪنهن تي نظر آ.” مون ويجهو ٿيندي مزاق جو تير اڇلايو.

“اچي وئين نہ پنهنجي اصليت تي. اهڙي هٺاءِ مڪ جو ياد ڪرين.” نڪ کي موڙو ڏئي ۽ مڪ اولاريندي چيائين.

“هٽو هٽو ڇگائيءَ جو وقت ئي ناهي.”

“ڪونہ ٿي گهرجي اهڙي ڇگائي.” منهن ئي ڦيري ڇڏيائين.

ايتري ۾ آنٽي بہ ٻارن سميت اچي پهتي. ٻارن کي مڪائي سنگ هيا جيڪي سخت هوندي بہ زوريءَ کائي رهيا هيا.سج پنهنجا پويان پير کيا، سج جي ڳاڙهاڻ سمنڊ سان

ملي ڏاڍو دلڪش منظر تي پيش ڪيو.اٿڻ تي دل ئي نہ پئي چوي پر آنٽيءَ جي اسرار تي واپس ٿيا سين.

آخر اها منحوس گهڙي بہ اچي ويئي جو هڪ ڏينهن سندس ڇاتيءَ ۾ سور پيو ۽ ان سان گڏ ڪنگهہ بہ شديد حملو ڪيس. پر ان جي باوجود بہ اسٽور تان عام سيرپ گهرائي ورتائين، حالانڪہ ڊاڪٽر روزينہ آنٽيءَ جي ڪلاس فيلو رهي چڪي آ ايتري واقفيت هوندي بہ الائي ڇو چيڪ اپ ڪرائڻ کان لنوائيندي هئي، اهو چئي ٽاريندي هئي،

"معمولي سور آ پاڻ ئي لهي ويندو آ." پر ان کان پوءِ اڪثر تيز يا هلڪو سورءِ ڪنگهہ بہ ٿيندي رهندي هيس.مون کان رهيو نہ ٿيو چيو مانس،

"صوفيہ آخر هي ڇا هي، چيڪ اپ ڪرائڻ ۾ آخر حرج ئي ڪهڙو آ."

"ڇوان تہ اٿي اهڙي ڪا ئي ڳالھ ناهي رڳو چيڪ اپ چيڪ اپ لاهي ڏنو اٿوَ." چڙ ڪائيندي چيائين.

"باقي درد شدت اختيار ڪري وڃي پوءِ ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهرجي، ائين نہ." مان بدستور ڪاوڙ جو اظهار ڪندو رهيس. "ڏس صوفيہ توکي آنٽي ۽ هنن ننڍن ٻارن جو بہ خيال نہ ٿو ٿئي."

"پر فراز مون کي ايتري تڪليف ئي ناهي تہ .........."

" تڪليف هجي يا نہ، بس سياڻي هلندا سين ڊاڪٽر ڏي."

"چئبو تہ نہ مڙندين."

"اصلي نہ." ٻانهن کي ڇنڊي هلي وئي ٻئي روم ۾.ان وقت جگنو ۽ مان هڪٻئي سان تاڙو ملايو ۽ فتح جو اعلان ڪيو تہ آنٽي ۽ ننڍڙي آسيہ بہ کلڻ لڳيون. ٻئي ڏينهن صوفيہ ۽ مان ڊاڪٽر روزينہ ڏي آيا سي جنهن چيڪ اپ ڪري خدشو ظاهر ڪيو،

" ٿي سگهي ٿو تہ ڇاتيءَ جو ڪينسر هجي. خدا ڪري تہ منهنجو خدشو غلط نڪري پر پوءِ بہ ڪجھ رپوٽون ڪرائڻ ضروري آهن."

مان اهڙي انڪشاف تي ڇرڪي پيس. صوفيہ کي وٺي اسپتال ڪينسر وارڊ ڏي آيس جتي سندس ضروري رپوٽون ڪرايون.جڏهن رپوٽون پازيٽو آيون تہ منهنجو ظاهر ۽ باطن ڪنبي ويو مان پنهنجو پاڻ کي ڪنهن اونهي کاهيءَ ۾ ڪرندو محسوس ڪيو.صوفيہ سان گڏ منهنجي اکين جا بند بہ ڀڄي پيا.گهر تائين خاموش آيا سين نہ هن ڳالهايو نہ وري مون. فليٽ جي در ٻاهران ويهندي چيائين،

"اميءَ کي ان صورتحال جي خبر نہ پوي."

"آخر ڪيستائين." مون چيو.

"جيستائين ٿي سگهي." آنٽيءَ جي سامهون ايندي اهڙي تہ فنڪارانہ انداز ۾ چيائين،

"امي ڏنوَ ڪا خاص ڳالھ نہ هئي بس ٿورو ڪنگهہ جو اثر آ جيڪو بہ دوائن جي ذريعي آهستي آهستي ختم ٿي ويندو."

منهنجو اندر ڇڄي پيو جڻ دل جند جي ٻن پڙن ۾ ڇڄرجي پئي.ڪليل درئ مان آسمان ڏانهن نهاريندي دل ۾ ئي چيم،

”اي منهنجا رب توڪان وڏيڪ ڪو ٻيو طبيب نه آهي. تون ئي هن کي شفا ڏجانءِ.“

ان ڪان پوءِ اڪثر صوفيه کي مون پاڇولن ۾ روئيندي ڏٺوءِ اهو محسوس ڪيو ته پنهنجي لاءِ نه پر پنهنجي پاءُ پيڻ ۽ ماءُ جي لاءِ وڏيڪ روئيندي هئي، هڪ ڏينهن چيائين،

”اڄ آفيس اڇجانءِ اتان سمنڊ تي هلندا سين.“

اها شام اسين ڪيتري دير تائين سمنڊ ڪناري آلي واريءَ تي هلندا رهيا سي.سمنڊ جي وير کي چڙهندي ۽ لهندي ڏسندا رهيا سي، اسان پاڻ ۾ اجان ڪجھ نه ڳالهايو هو، خاموش رهي جڻ سمنڊ جي ٻولي سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.انيڪ ڇوليون اسان جي پيرن کي ڇهي موتي ويون.تڏهن صوفيه چيو،

”منهنجي پاءُ پيڻ ۽ اميءَ جي پارت اٿئي.“سندس اکڙين ۾ پاڻي تري آيو.

”هي تون ڇا چئي رهين آهين، ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين دنيا الائي ڪٿي پهتي آهي. ڪينسر ايڏو وڏو مسئلو نه رهيو آهي علاج تنهنجو هلي رهيو آهي ۽ تون پاڻ ايڏي بهادر ٿي ڪري اهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين.“

”تو کي ته خبر آ مون کي پنهنجي پرواهه ڪونهي.“

”پرواهه هجي يا نه هجي پر اهڙيون نااميديءَ واريون ڳالهايون ته نه ڪر، ڏس دنيا اميدن تي قائم آ.تو ڪان وڏيڪ درد جو پهاڙ ته منهنجي مٿان ڪريو آهي پر جڏهن توکي ڏسان ٿو ته جيئڻ جي اميد درد کي مات ڏئي ڇڏي ٿي ۽ تون آ جو اهڙيون ڳالهيون ڪري مون کي مارڻ چاهين ٿي.“

منهنجو آواز روئڻهارڪو ٿي ويو، سندس نازڪ هٿ منهجي چپن تي آيو ۽ چيائين،

”خدا نه ڪري جو ائين ٿئي، ڏس اهڙي ڳالهه وري زبان تي نه آڇجانءِ.“

”ته اڄ ڪان پوءِ اهڙيون مايوسيءَ واريون ڳالهيون نه ڪجانءِ.“

سندس هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ مظبوط دٻائيندي چيم.پوءِ ڇهري تي مسڪراهٽ پکڙجي ويس جنهن تي سمنڊ جون ڇوليون ٻه رقص ڪرڻ لڳيون. حالانڪ ٻي انتها پيار هوندي ٻه حيا جي پت حائل هئي. ڪيتري دير تائين اسان جون ڳالهيون هلنديون رهيون جڏهن دل ڀرجي وئي ته واپس ٿيا سين. اها رات اڃا گذري ٻه نه هئي جو اوچتو صوفيه کي ڇاتيءَ ۾ سور پيو، جنهن ڪري آنتي پڇندي آئي ۽ زور زور سان در ڪڙڪائي رهي هئي، مون کي اڃان ننڊ ڪونه آئي

هئي جلديءَ ۾ در کوليم ته چيائين،

”صوفيءَ جي حالت خراب ٿي پئي آهي.“

”ڇا ؟“ مان ان اوچتي خبر ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه هيس آنتيءَ کي چيم،

” توهان ڊاڪٽر روزينه کي فون ڪيو جيئن بروقت ڪجھ ڪري سگهجي.“ پر پوءِ سوچيم جيستائين ڊاڪٽر روزينه اچي تيستائين صوفيه جي حالت الائي ڪٿي وڃي پهچندي، سو هڪ دوست ڏي فون ڪيم ۽ ڪيس چيو،

“يار ڪار ڪاهي هڪدم پهچ ايمرجنسي تي پئي آهي.”
ڪينسر وارڊ جي هڪ الڳ ڪمري ۾ صوفيه کي داخل ڪرايو سي ان وقت جلدي ٽريٽمينٽ جي ڪري ڪجھ فائدو ٿيس جو صوفيه کي ڪجھ سڪون مليو پر ڳالهائي ڪو نه پئي سهگي.آنٽي مسلسل روئي رهي هئي مون ان کي آٿت ڏني،
“ آنٽي الله ڪندو سڀ ڪجھ نيڪ ٿي ويندو.”
پر صبح جو وري حالت خراب ٿي ويس ۽ اڄ ٻيو ڏينهن هيو جو حالت وڃيس پئي بگڙجندي. مان ڪمري جي دڪيءَ تي اداس من کي تسليون ڏيندو رهيس جو آنٽيءَ جي رڙ ٻڌم،
“صوفي !”
اٿي صوفيءَ ڏانهن ڀڳس، سندس ساھ تڪو تڪو هلندي منجهڻ لڳو.هوءَ نڪ بدران وات مان ساھ ڪڻڻ لڳي.مان ٻاهر نڪري ڊسپينسر کي چيو،
“جلدي ڪر ڊاڪٽر کي گهراءِ.”
ڊسپينسر تڪڙو تڪڙو هليو ويو. اندر آيس ته آنٽي صوفيه کي روئي منيون ڏئي رهي هئي،
“ امي، ڪجھ نه ٿيندو، اکيون ته کول. صوفي صوفي ڏس ته سهي سامهون ڪير بيٺو آ.”
پر صوفيه جو کونگهري جهڙو آواز وڃي پيو گهٽجندو، ڄڻ ته معرڪو ئي ختم ٿيندو هجي. ان وقت مون پنهنجي اندر جي عبادتگاھ ۾ رب کي ٻاڏايو،
“اي رب هن جي حصي جو باقي رهيل عذاب منهنجي حصي ۾ داخل ڪري ڇڏ.”
ڊاڪٽر به اچي ويو جنهن گهڻي ڪوشش ڪئي پر ناڪام، صوفيه جي اکين مان رت جا لڙڪ وهاڻو ڳاڙهو ڪري رهيا هيا ۽ وري وات مان به رت جاري ٿيس سندس ڪنڌ هڪ پاسي ڍرڪي پيو. آنٽي ۽ ٻارن جون رڙيون آسمان پيون ڏارين. هڪ دفعو ٻيهر ڊاڪٽر ڪوشش ڪئي پر پوءَ عينڪ لاهي چيائين،
“ آءِ ايم سوري.”

# ناوليٽ:

# چاهت جي مسافت

سج ۾ اڄ اها تپش نہ هئي جنهن ڪري ٽڏ ۾ ڪجھ گهٽتائي لڳي پئي هئي ان جي باوجود بہ ڪڪرن پاڻ ملهايو موسم کي مدهوش بڻائڻ جي چڪر ۾ اهم رول ادا ڪري رهيا هئا. راحيل پنهنجي بدن تي اجرڪ کي ڍڪيندي آسمان طرف نهاريو. روز جيتري دير بہ سج اپريل هوندو هيو هن جو من وندريل رهندو هيو. جڏهن هن ديس تي پويون پاڇو پوندو هو تہ هو اداس ٿي ويندو هيو.

اڄ آسمان طرف نهاريندي کيس گذريل ڏينهن ياد اچڻ لڳا هئا هن جي زندگيءَ جا ڪافي ڏينهن هڪ دريءَ وٽ ويهندي ئي گذريا هئا. ڪراچيءَ جي ڳتيل آباديءَ واري علائقي گلشن اقبال ۾ ٽئين منزل واري فليٽ ۾ رهندو هيو. هن جي فليٽ ۾ هڪ دري اها بہ هئي جيڪا گهٽيءَ بدران بازار طرف کلندي هئي. سندس دريءَ پرسان رکيل ڪرسي عام ڪرسين کان ٿوري ڊگهي هئي. هن اها خاص ڪرسي ان مقصد لاءِ ئي ٺهرائي هئي. سندس ڪمرو ڪافي ڪشادو هيو جنهن ۾ اسٽڊي ٽيبل دريءَ جي بلڪل سامهون ئي رکيل هئي. ٽيبل تي ڪجھ ڪتاب ۽ هڪڙو ٽيبل ڪئلينڊر ڪنهن فارميسي ڪمپنيءَ جو رکيل هيو. ان جي ساڄي پاسي کان سمهڻ لاءِ هڪڙو سنگل بيڊ جنهن تي ٽڪ جي رلهي ۽ هڪڙو ويهاڻو جنهن تي پرت سان خوبصورت گل ٺهيل هيو. کاٻي پاسي کان صوفا سيٽ ۽ ان جي اڳيان ڪاٺ جي ٽيبل جنهن تي اڇي چينيءَ جي چٽسالي ٿيل پئي هئي. سڄي ڪمري ۾ ڪالين وڇايل هيو. دريءَ جي ساڄي پاسي سامهون واري ڀت تي هڪ تصوير لڳل هئي جنهن ۾ هڪ ڇوڪرو وڻ جي هيٺان ويٺل آهي سندس سامهون پاڻيءَ جو ڪاموجنهن ۾ سائي ڪجھ سڙيل پَنِ بيٺي آهي پاسي کان ٻبر جو وڻ بہ آهي ڪامي جي پريان هڪڙو رستو ڪنهن ڳوٺ ڏانهن ٿو وڃي. ان ڳوٺ جي آس پاس ڪافي گرينري ٿي نظر اچي. ڇوڪري جو منهن ٻنهي گوڏن جي وچ تي ڳٽن تائين رکيل آهي ۽ نگاهون ان سامهون واري ڳوٺ ۾ ڪتل آهن.

راحيل ننڍڙو هو جو ماءُ گذاري ويئي هيس. سندس پيءُ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هيو. راحيل جڏهن اسڪول مان واپس ايندو هيو تہ گهر ۾ پوڙهي نوڪر ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ نہ هوندو هيس. چانھ جو ڪوپ پي دريءَ وٽ ويهندو هيو. اتي ويهندي کيس انهن شخصن جي تلاش هوندي هئي جيڪي ڪن ڪهاڻين ۾ هوندا آهن يا تہ ڪهاڻين جا ڪردار هوندا آهن.

جوانيءَ جي ڏينهن ۾ سندس پيءُ کي ڪنهن اهڙي عورت سان محبت ٿي وئي هئي جيڪا سماج جي نظرن ۾ ڪريل هئي. پر محبت تہ آخر محبت هوندي آهي نہ. محبت

تہ اهو ناهي ڏسندي تہ ڪير ڪهڙي ڪردار جو مالڪ آهي. هن جي پيءُ ڪيس پنهنجو ٻڌايو هو. پر سماج هون!...... ؟ آخر هوءَ مري وئي ۽ پنهنجيءَ ياد ۾ ڪيس راحيل جي صورت ۾ هڪ گل ڏيئي وئي. پڻس راحيل کي لاڏ ڪوڏ ۽ محبت سان پاليو ۽ پڙهايو. پر ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو هيو. ڪڏهن ڪڏهن محبوبا وٽان مليل گل کي سگهندي سگهندي هو ايڏو تہ معطر بڻجي ويندو هيو جو رات جو لڪي لڪي ڊائري لکي وٺندو هيو. راحيل اها ڊائري هڪ دفعي پڙهي ورتي هئي ۽ پڙهندي پڙهندي انهن شخصن جا چهرا بہ ڏسي ورتا هيا جيڪي ڪيس پنهنجي هم عمرن ۾ نہ ٿي ڏسڻ ۾ آيا.

هڪ ڏينهن هن صدف کي ڏٺو. پنهنجي ئي ڪاليج ۾ صدف جو چهرو ان چپ چاپ چهري وانگر لڳو جنهن جو ڪيس مدت کان انتظار هيو ۽ سندس دل ۾ وسيل هيو. سنهڙي، ڊگهي، ڪير جهڙو اڇو رنگ، گهريون گهريون ڪاريون اکيون سمنڊ جي گهراين وانگر، پرڪشش رنگ روپ. چاڪليٽي نيڻ، چيلهہ کان هيٺ ايندڙ ڪارا ڊگها وار. خبر ناهي اها خوشبو صدف جي چهري جي هئي يا سندس دل ۾ تڙيل گل جي. اڪثر صدف جو انتظار ڪندو رهندو هيو. صدف هن جي فليٽ واري منزل کان مٿين منزل تي رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هن جي گهر ۾ بہ ايندي رهندي هئي. ڪڏهن ڪو ڪتاب ڪٽي ويندي هئي ڏئي بہ ويندي هئي. گهڻن ڏينهن بعد هو هڪٻئي جي ڪافي ويجهو اچي چڪا هئا. خاص ڪري ڪاليج جي ملاقاتن ۽ ڪتابن جي ڏي وٺ ڪري. هي ٻئي هڪٻئي جي محبت جي خوشبوءَ سان سرشار ٿي چڪا هئا. ايتري قدر جو هڪٻئي جي لبن مان ماکيءَ جهڙي رس بہ چوسي وٺندا هيا.

گلن جي خوشبو نکري رهي هئي...... ۽ مکڙيون روپ بدلائڻ لڳيون هيون.

هاڻي هنن جي پڙهائي ختم ٿي چڪي هئي. صدف ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. هاڻي هنن جو ملڻ روز جو معمول رهيو. ڪڏهن ڪڏهن هڪٻئي سان ملڻ ٿيندو هين پر جڏهن بہ ملندا هيا تہ ٻنهي جي دلين ۾ محبت جي سمنڊ جون ڇوليون پيدا ٿي پونديون هيون.

هڪ ڏينهن صدف کي اهو شهر ڇڏڻو پيو پنهنجي فيمليءَ جي ڪري. ڇهہ ست خط راحيل لاءِ ڄڻ سندس دولت هيا ۽ آخر ۾ هن لاءِ هڪ خط اهڙو وجي بچيو جنهن ۾ هوءَ پنهنجا لفظ احساس پريندي رهندي هئي. تڏهن راحيل سوچيو مون لاءِ تہ سوچن ۽ احساسن جو جهان ڇڏي وئي آهي.سوچن جي جهان ۾ احساسن جي اڏمن جو ايترو اثر نہ هوندو آهي. جيترو دل جي اماوس رات ۾ پيار جي چانڊاڻ جو هوندو آهي. رات جو روز ان چانڊاڻ ۾ سوچيندو رهندو هيو ۽ جيئن ئي رات جو پويون پهر شروع ٿي ويندو هيو تہ راحيل جو ذهن سوچ جي سمنڊ ۾ ٻڏندو ترندو رهندو هيو. راحيل جو پيءَ هاڻي يونيورسٽيءَ کي ڇڏي چڪو هيو. هاڻي ان جي مصروفيت گهر ۾ مطالعو ڪرڻ هيو. پنهنجي زندگيءَ جا آخري ڏينهن هن ائين ئي گذارڻ ٿي چاهيا.

*******************************

راحيل کي هڪ اخبار ۾ سب ايڊيٽر جي نوڪري ملي وئي.اخبار جي آفيس گهر کان پري هيس.

شهر ۾ سنڌي ميڊيم اسڪولن جي ڪمي ٻه هميشه کٽڪندي رهي آهي. نيون داخلائون شروع ٿينديون آهن ته مائٽن لاﺀِ پريشانيون وڏي وينديون آهن. ان وقت واقفيت ۽ سفارش ئي ڪم ايندي آهي. باقي ويچارا پيچ ڊڪ ۾ ئي ٿڪجي پوندا آهن. هڪ نئين اسڪول جي بلڊنگ ٺهي چڪي هئي جنهن جو اڄ افتتاح هيو. گهڻا ئي فوٽوگرافر ۽ رپورٽر اتي پهتا هئا. راحيل ٻه اتي پهتو پر ان کي ٿوري دير ٿي وئي. اسڪول جا رستا ڪارين ۽ موٽرسائيڪلن سان ڀريا پيا هئا.راحيل ڪار پارڪ ڪئي ۽ پوﺀِ اسڪول ۾ داخل ٿي ويو.اسڪول جو افتتاح ٿي ويو ته هو پنهنجي گهر آيو. سوچيندو رهيو ته اهڙا اسڪول اڃا ٻيا ڪيترا کلندا جتي پنهنجي ٻوليءَ جو ڪو سبجيڪٽ ئي نه ٿو رکيو وڃي. چا ٿيندو اسان جي ٻوليءَ جو. سنڌي ٻولي وڃي ٿي آهستي آهستي اسڪولن مان ختم ٿيندي. ڪي چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهون هوندا جيڪي ٻوليءَ جي باري ۾ سوچيندا هوندا. باقي اسان جي ماڻهن جو حال ته اهو آهي ته ڪمائڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ ٻار ڄڻڻ. بس اها ئي انهن لاﺀِ زندگي آهي.

سحرش جي موبائل جي گهنٽي وڳي. موبائل کڻي “هيلو” ڪيائين ته ٻئي پاسي ڏانهن آواز آيو.

“ چا مان مس سحرش آرٽسٽ سان ڳالهائي سگهان ٿو.؟”

“سحرش اسپيڪنگ....... توهان.”

“مس سحرش ! مان راحيل ٿو ڳالهايان پارس نيوز جي آفيس مان.”

“ جي جي. چئو.”

“اسان جي اخبار ۾ هر هفتي هڪ ڪالم ڇپجندو آهي ٿي سگهي ٿو توهان ڪڏهن پڙهيو هجي. مان اهو ڪالم لکندو آهيان ان سلسلي ۾ ئي توهان سان ملڻ چاهيان ٿو.”

“توهان جڏهن ٻه چاهيو اچي سگهو ٿا.”

“جيڪڏهن توهان وٽ ٽائيم هجي ته اڄ ئي .......”

“ٺيڪ آ. ڪهڙي وقت.؟”

“مان هينئر ئي اچي سگهان ٿو؟”

“مان اڄ چئين وڳي تائين گئلريءَ ۾ هونديس.”

“هاڻي هڪ ٿيو آهي. مون کي پهچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ مس لڳندو.”

“ٺيڪ آهي.”

********************************

موبائل رکندي سحرش هڪ نظر پنهنجي گئلريءَ مٿان وڌي. جنهن ۾ فوٽوگرفيءَ جو ڪارنر به موجود هيو. گئلريءَ ۾ مختلف رنگ ئي رنگ هئا. ڪي رنگ مختلف رنگن سان پريل هئا ته ڪي صاف ٽيبل جي هڪ پاسي رکيل هئا. هن هڪ نظر گئلريءَ جي ديوار تي لڳل مختلف پينٽنگس ڏانهن وڌي. ائين محسوس ٿيس ڄڻ ڪنهن ٿڪل مسافر ڪي وڏي منزل طئي ڪرڻ کان پوءِ ڪا ڇانوَ نصيب ٿي هجي وري جڏهن هن پنهنجي نظر انهن اڻ پورين پينٽنگس ڏانهن وڌي ته ائين لڳس ته هن کان ڏات رسي وئي هجي. ڏات به عجيب شيءِ آهي رسي ته چوطرف هر منظر ڇٽرون ڪندو محسوس ٿيندو ۽ جي پرچي پوي ته ڄڻ ڪائنات جي هر شيءِ مهربان ٿيجيو وڃي. ڪمري جو دروازو کڙڪيو.

“مان راحيل آهيان. اڌ ڪلاڪ اڳ توهان سان فون تي ڳالهايو هيو.” راحيل دروازي جي چائنٺ وٽ اچي چيو ۽ پوءِ اندر هليو آيو.

سحرش ڪيس ويهڻ لاءِ ڪرسيءَ طرف اشارو ڪيو پر هو بينو ئي رهيو ۽ ڪمري ۾ ٽنگيل تصويرن کي ڏسڻ لڳو. سحرش جو اپو قد، آسمان جهڙيون نيريون ۽ وشال اکيون، چانداڻ جهڙا وار ۽ هلڪي نارنگي رنگ جو وڳو پاتل. پنهنجي گئلريءَ جي سيني شهپارن کان وڌيڪ حسين ۽ خوبصورت شاهڪار ته پاڻ هئي. هن سحرش ۽ سندس ئي چترڪارن جي پيٺ ڪئي.

“هنن تصويرين کان سواءِ توهان وٽ ڪي ٻيون به هونديون.”

“گهٽيون ئي آهن ۽ سڀ جو سڀ مون کي پسند آهن.”

“هي ڳاڙهن ڪپڙن واري ڇوڪريءَ جو چٽر.” راحيل ڪئميرا ڪڍي ان چٽر جو فوٽو ڪڍي ورتو.

“توهان ڪڏهن پنهنجو چٽر ٺاهيو آهي يعني سيلف پورٽريٽ.”

“ نه ”

“مان توهان جو فوٽو ڪڍي سگهان ٿو پنهنجي اخبار لاءِ.”

“ بيشڪ.” راحيل سحرش جو فوٽو ڪڍيو ۽ ڪئميرا کي بند ڪندي چيائين،

“مان توهان جو وڌيڪ وقت نه وٺندس. بس ڪي چند سوال ڪندس جيڪڏهن توهان مائيند...............................”

“ نه نه ڪا ڳالهه نه آهي پڇي سگهو ٿا.” سحرش ايڏي ته خوبصورت ادا سان چيو جو راحيل کي لڳو ته هن جي ادا به هن جي رنگن وانگر ڪيڏي نه خوبصورت آ.”

“مس سحرش ڇا رنگ به اسان جي زندگيءَ تي اثر انداز ٿين ٿا.؟”

“بلڪل ! رنگ ته اسان جي زندگيءَ جو حصو آهن. اهي ته اسان جي پنجن حواسن تي به اثر انداز ٿيندا آهن.”

“ مثلا........” راحيل دلچسپي وٺندي سحرش ڏانهن ڏسي چيو.

“مثلا.... ماڻهوءَ جو پرجوش ٿيڻ، جذباتي ٿيڻ، تحرڪ ۾ اچڻ ۽ سڪون حاصل ڪرڻ. ڏسو نه رنگن سان جذبات ۽ ياداشتون به لاڳاپيل هونديون آهن. چاهي اهي سٺيون هجن يا خراب. اداسيءَ واريون هجن يا خوشين ڀريون.”

“زبردست! سحرش توهان ته مون کي رنگن جي سحر ۾ آڻي ڇڏيو.”

“اڇا!” مسڪرائيندي سحرش چيس

“ توهان پنهنجو مثال وٺو. جيڪو ماڻهون جنهن شيءِ کي جيترو محسوس ڪندو اهو ان ۾ اوترو ئي کِهرندو ويندو ۽ موٽ ۾ اها شيءِ ان کي اوتري ئي گهرائي ڏيندي.”

“ توهان بلڪل صحيح ٿا چئو پر ان جا ڪي منفي اثر به ته هوندا نه.”

“ضرور ! جيئن رنگ ڪنهن تي مثبت اثر وجهندا آهن تيئن ڪنهن تي منفي اثر به وجهندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو جو سائنسي دنيا ۾ ڪلر ٿراپي جو علم وجود ۾ آيو ۽ ان علم ذريعي ئي خبر پئي ته انساني جسم ۾ بائيولاجيڪل ڪلاڪ کي متحرڪ رکڻ لاءِ روشني جيڪا ستن رنگن جو مجموعو آهي هڪ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي.”

“ ويري نائيس. توهان ته منهنجي ناليج م اضافو ڪري ڇڏيو. بس آخري سوال پوءِ مان اوهان کان اجازت وٺندس. مس سحرش ڇا اهڙا ماڻهون به آهن جيڪي رنگن سان پنهنجون تقديرون جوڙيندا هجن.”

“ضرور هوندا. دنيا هر قسم جي ماڻهن سان ڀري پئي آهي. پر مسٽر راحيل تقدير تي ڀاڙڻ وارا ماڻهون ته ڪهڙي به رنگ تي مطمئن ٿي سگهن ٿا. مسئلو اهو آهي ته اهي ڪيڏانهن وڃن جيڪي پنهنجي پسند جا رنگ پاڻ حاصل ڪرڻ جا قائل هجن؟.”

“جي”

راحيل ائين چيو ڄڻ هن جا هوش اڏامي ويا هجن. هن کي هر سوال جو جواب ته ملي چڪو هيو پر آخر ۾ ته خود هن کان سوال ڪيو ويو جنهن هن کي جنجهوڙي وڌو. هي وڌيڪ ترسي نه سگهيو.

“مس سحرش اوهان جي مهرباني مون کي هاڻي هلڻ گهرجي. مان سمجهان ٿو ته ٻي ڏينهن سنڌي ايڊيشن ۾ هنن تصويرن جو استعمال ڪري سگهندس.”

چئي هو هليو ويو. سحرش کي هيءَ ملاقات بلڪل عجيب لڳي. سندس خيال هو ته راحيل سندس آرٽ جي باري ۾ گهڻا سوال ڪندو پر هن ائين نه ڪيو. سحرش سوچڻ لڳي..... “هو پنهنجي ڪالم ۾ آخر ڇا لکندو.؟”

شهرت جو خيال سحرش کي ڪڏهن به نه آيو هيو. هوءَ پوري جوش ۽ محنت سان ڪيترن سالن کان اهو ڪم ڪري هئي. اڄ ڪيس حيراني اها هئي ته راحيل سندس

فن بابت وڌيڪ چو نہ پڇيو. صرف هڪ پورٽريٽ جي ڇيڇڻ سان ڇا ڪلاڪار ۽ سندس ڪلا جي واقفيت ٿي ويندي؟.

******************************

آچر جي ڏينهن هن جڏهن اخبار ڏٺي تہ نظر سندس هڪ هنڌ اٽڪي بيهي رهي. سحرش ان ليک کي پڙهيو، لکيل هو،

“ٽي سگهي ٿو تہ ڪئميرا ماڻهوءَ جي جسم جي حصي سان انصاف نہ ڪري. پر سحرش جي برش ڪڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ سان بي انصافي نہ ڪئي آهي.”

سحرش هڪ دفعو اخبار تان نظر هٽائي. پنهنجي دل جي روشنيءَ ۾ راحيل جي ڇهري کي ڏٺو. راحيل جون اکيون جيڪي ڪجهہ نہ ڏسي رهيون هيون ڪيس لڳو اصل ۾ سڀ ڪجهہ ڏسي چڪيون هيون. هن وري ڪالم پڙهڻ شروع ڪيو.

“ آرٽسٽ سحرش ! عورت کي گهڻن ئي رخن کا ڏٺو آهي. دروازي وٽ بيٺل عورت کي، گلن جي بوٽن وٽ، آئيني وٽ. هوا ۾ اڏامندڙ زلفن کي سنواريندڙ عورت کي. رنگن جي سجاوٽ بہ ايتري تہ دلڪش جو ڪٿي ڪٿي خود انسان جي بناوٽ بہ غلط ٿي لڳي.”

سحرش مسڪرائيندي سوچيو. هي چپ چاپ مڪڙيءَ وارو راحيل تہ ڏاڍو زبردست ليکڪ نڪتو. ڪيس پنهنجي دل ۾ بيچيني محسوس ٿيڻ لڳي. اخبار بند ڪري ڪپڙا مٽائي هوءَ گئلريءَ ڏانهن هلي وئي. گئلريءَ ۾ اچي ريڪ کوليائين. هن ڪيترين ئي اڌوريون تصويرون ٻاهر ڪڍيون. ان الماريءَ جي ٻئي حصي ۾ ڪافي ڊريسون بہ هيون. جيڪي ضرورت مطابق ماڊل کي پهرائي چٽر ڪيندي هئي. الماڙيءَ ۾ آئينو بہ لڳل هيو. هن ان ۾ پاڻ کي ڏٺو تڏهن هن محسوس ڪيو تہ ڪير ڪائنس اهو پڇي رهيو آهي،

“ توهان ڪڏهن پنهنجي تصوير ناهي آهي؟ يعني سيلف پورٽريٽ.”

ڪينواس کڻي هن چٽر ڪرڻ شروع ڪيو. گئلريءَ جو دروازو کڙڪيو. سحرش کي عجب لڳو تہ آچر ڏينهن ڪير آهي. هن دروازو کوليو ٻاهر روما بيٺي هئي هن جي دوست.

“ اڄ آچر ڏينهن.؟ ”

“ مان پهرين تنهنجي گهر ويس اتي تون نہ هئينءَ سوچيم ضرور هيڏانهن آئي هونديءَ. ” هوءَ اندر هلي آئي سحرش جو هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليندي چيائين،

“ مبارڪون ڏيڻ آئي آهيانءِ. ”

“ ڇا جون. ”

" تون اخبار ڏٺي آهي پارس نيوز جو سنڌي ايڊيشن"

روما صوفي تي ويهي رهي. هن پرس مان ويڙهيل سنڌي ايڊيشن جو پنو ٻاهر ڪڍندي چيو،

" آهي نه خوش خبري. "

سحرش ايڊيشن جو پنو پنهنجي هٿن ۾ ڪنيو ۽ ان ۾ ڇپيل تصوير ڏسڻ لڳي. جيڪا راحيل ٻه ڏينهن اڳ ڪڍي هئي. فوٽو سنو هو ڇهري جا وصف ٻه صاف ۽ چٽا هئا ڪيس ائين لڳو ڄڻ هيءَ تصوير هن جي هاڻي جي نه پر ننڍپڻ جي آهي.

روما ميز طرف ڏٺو جتي لائيٽ ٻري رهي هئي. ڪيس لڳو سحرش ڪافي دير ڪا ڪم ڪري رهي آهي. سحرش ميز تي ڪينواس رکي ڪو چتر ٺاهي رهي هئي. ميز تي پاسي کان رکيل ليمپ جنهن جو عڪس ڪينواس طرف هيو، ٻري رهي هئي. روشنيءَ جي شعاع تي سحرش جو چهرو جرڪي رهيو هو. سندس ڳل تي وارن جي هڪڙي ڇڳ بار بار تي لڙڪي پئي ۽ سحرش وري ان کي کاٻي هٿ سان وارن ۾ پنهنجي جاءِ تي پئي رکي. پر ڇڳ کان اهو برداشت نه پيو ٿئي ته حسين چنڊ جهڙو ڳل ڇڏي وارن جي جهنگ ۾ هجي.

روما اٽي ميز تي رکيل ڪاغذ کي ڏٺو ۽ پوءِ هٿ ۾ ڪٽندي چيائين،

" واٽ اي سرپرائيز. "

" ڇا جو. " سحرش عجب وچان چيس.

" هيءَ تصوير ڪنهن جي آهي. "

" سڄاڻي نه ٿي سگهين ڇا."

"سڄاڻان ٿي . تنهنجي آهي. پر هيءَ ڪهڙي تصوير آهي ڇهري ۾ ايڏي ڪشش."

"سيلف پورٽريٽ."

" پر آخر اهو ڪهڙو سيلف پورٽريٽ آهي."

" ..........................."

"مون هن کان اڳ ته ڪڏهن نه ڏٺو آهي."

" مون ٻه نه ڏٺو هيو."

" اڄ ڇا اهڙين تصويرن ناهڻ جو ڏينهن آهي.؟ خير اهو ٻڌاءِ تنهنجو ڪنهن انٽرويو ورتو هيو."

" ها "

"ڪڏهن."

"ٽيون ڏينهن."

" پر هنن هڪ ئي تصوير ڇو ڇپي آهي. گهٽ ۾ گهٽ ٽي چار ته ڇپڻ ڪپنديون هين."

"ڇو"

“مثلن اها تصوير جنهن ۾ مان آئيني اڳيان ڦٽي ڏئي رهي آهيان ۽ هوءَ تصوير جنهن ۾ هوا ۾ زلف اڏامي رهيا آهن. رئو سنڀالي رهي آهيان ۽ ها هوءَ جنهن ۾ سمنڊ تي آلي واريءَ تي گهمي رهي آهيان.”

“ هاڻي منهنجي چوڻ سان ته ڪو نه ڇاپيندا نه ...........”

“ چڱو ان خوشيءَ ۾ ڪٿي هلي ڊنر ڪراءِ.”

“ نه اڄ نه ..... طبعيت ۾ مزو نه آهي.”

“ پنهنجي تصوير ڏسي به نه.”

سحرش ڪو به جواب نه ڏنو. روما حيرانيءَ وچان ڪيس ڏنو ۽ پوءِ اٿندي چيائين،

“مون کي ڪجهه پئسن جي ضرورت هئي.”

سحرش پرس ۾ هٿ وجهي پيسه ڪيندي چيو،

“هن وقت پنج سوَ روپيه آهن ڪم تي ويندئي.”

“ها ” روما جواب ڏنو ۽ چيائين، “وري ڪڏهن اچان مون کي ٻي ڏينهن موڪل آهي.”

“ مان شايد حيدرآباد هلي وڃان.”

“مان فون ڪري پڇي وٺنديس.”

“ٺيڪ آ.” روما هلي وئي.

*******************************

سحرش جڏهن به اخبار ۾ راحيل جو لکيل ڪالم پڙهندي هئي ته ڪيس ائين محسوس ٿيندو هيو ڄڻ راحيل هن سان ويٺي ڳالهيون ڪري رهيو آهي.

سحرش پنهنجي گهر جي لان ۾ اچي ويٺي ته جيئن اخبار پڙهي. سندس لان گهر جي مين گيٽ وٽ هيو. 30x20 فوٽن جو لان جنهن ۾ گيٽ جي هڪڙي ڇيڙي کان ڇوڏاري ڦري اچي گيٽ جي ٻي ڇيڙي تائين مختلف گلن جون ڪونڊيون رکيل هيون ته ڪي وري لان ۾ ئي پاسن کان لڳل هيون.گيٽ جي سڄي پاسي ڪنڊ تي ناريل جو وڻ هيو. ناريل جي وڻ کان ٿورو اورتي چار ڪرسيون رکيل هيون. انهن جي وچ تي انهن جي ئي ميچنگ تي ٽيبل رکيل هئي. جنهن تي اخبار پڻ هئي. سحرش جنهن ڪرسيءَ تي اچي ويٺي ان جي ساڄي پاسي کان لان جي پويان ڊرائنگ روم هيو. جنهن مان ئي گهر جي ٻين ڪمرن جو انٽرنس موجود هيو. ڊرائنگ روم جو هڪ دروازو لان طرف کلندو هيو جنهن مان نڪري اچي سحرش ڪرسيءَ تي ويٺي. سحرش اخبار ٽيبل تان کڻي ۽ ان کي پڙهڻ لڳي. اوچتو هوا جو هڪ تيز جهوٽو سندس وارن کي ڦلهاريندي مٿائنس لنگهي ويو. هن جلديءَ ۾ ٽيون صفحو کوليو.

راحيل جي ڪالمن ۾ ڪنهن نمائش جو ذڪر ڪيل هيو. تفصيل ۾ وڃڻ کان پوءِ راحيل لکيو هو. ڪنهن مهان ليکڪ چيو آهي هر ڪويتا، هر ڪهاڻي، هر تصوير

هڪ خط وانگر هوندي آهي جيڪا پنهنجي پڙهندڙ ڏانهن لکي ويندي آهي. اهڙن خطن جو ڪنهن کي انتظار هوندو آهي ۽ هڪ دفعو پڙهي دل کي قرار ڪو نه ايندو آهي پوءِ وري وري پيو پڙهبو آهي ۽ اهو يا ته ڪنهن رومال ۾ ويڙهي رکيو ويندو آهي يا ڪنهن ڊائريءَ جي صفحن يا ڪتابن جي زينت بڻبو آهي. پر سوچيان ٿو ته جڏهن به ڪنهن جي دل جو مالڪ اهڙو خط لکندو آهي ته ان کي روح جي روشنيءَ جو نالو ڏنو ويندو آهي. جيتوڻيڪ اهڙو خط لڙڪن سان تار تار هوندو آهي ۽ ان ۾ سمايل ڪا پيار جي مهان ڪويتا هوندي آهي. اهو خط اهڙو ته ڏکيو هوندو آهي جو ان کي پڙهڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن جي ئي نه پر ڪيترن سالن جي ضرورت هوندي آهي. ان خط ۾ هڪ خوبي اها به هوندي آهي جو پڙهڻ واري جي به دل جي ڌڙڪن شامل ٿي ويندي آهي. مان سوچيان ٿو ته چتر ڪلا به ان مهان خط وانگر آهي جنهن کي پڙهڻ وقت هر ڪوئي پنهنجي ڪلپنا جو مالڪ خود هوندو آهي.

سحرش اخبار هڪ طرف رکي. لان طرف کلندڙ دروازي مان ئي ڊرائنگ روم ۾ آئي. ڊرائنگ روم ۾ فرش تي خوبصورت قسم جو قالين وڇايل هيو. قالين جي ٿلهي پاسي صوفا سيٽ رکيل هئا جڏهن ته هڪ پاسو خالي هيو جيئن اچ وڃ لاءِ ڪا مشڪلات نه ٿئي. خالي جاءِ جي هڪ پاسي ٽيليوزن رکيل هئي ۽ ان جي پرسان ئي ٽيليفون سيٽ رکيل هيو. سحرش ڏڪندڙ هٿن سان رسيور کڻي راحيل جو موبائيل نمبر ملايو.

" مان سحرش آهيان.......... آرٽسٽ. توهان کي ياد هوندو توهان هڪ دفعو..........."

"جي بلڪل مون کي ياد آهي."

"راحيل صاحب پهريون ته توهان جي مهرباني جو منهنجي لاءِ ايڏو سٺو مضمون لکيوَ."

"ڪا ڳالهه ناهي. مهرباني ته توهان جي. ڇو جو اهو اتساهه به مون کي توهان کان مليو." راحيل چيو.

"يلا ڪجهه وقت لاءِ توهان ڪجهه گهڙيون ڪيئي سگهو ٿا."

"مان اڄ آفيس ۾ ناهيان، اڄ آچر جو آهي."

"مان آفيس ۾ نه پر توهان جي گهر......................"

"گهر!" راحيل جي آواز ۾ هٻڪ اچي وئي جيڪا سحرش چڱي طرح محسوس ڪئي.

"مان توهان جو گهڻو وقت ڪا نه وٺنديس بس جيترو وقت توهان چاهيندا." هن جي آواز ۾ منٿ نه هئي ........... پر پختائي هئي.

"نه نه بيشڪ منهنجي اڪين تي اچو. وقت جي کهڙي ڳالهه آهي. مون کي توهان سان ملندي ڏاڍي خوشي ٿيندي."

"اوهان جي مهرباني."

هن كيس پنهنجي گهر جي ايڊريس نوٽ ڪرائي ڇڏي. هوءَ جڏهن راحيل جي گهر پهتي تہ راحيل هن کي پنهنجي ڪمري جي ڪليل دريءَ وٽ بيٺل نظر آيو. هن کي برائون رنگ جي ٽي شرٽ ۽ بلو جينز پينٽ پاتل هئي.

راحيل کي دل جي نوڪر لڳي اها نوڪر سحرش جي البيلين ادائن جي هئي. هن تي سحرش جي سادي خوبصورتيءَ جو اثر ان ڏينهن بہ ٿيو هيو. جڏهن هن جي گئلريءَ ۾ ويو هو. پر اڄ واري خوبصورتي تہ ڪجھ اور ئي لڳي هئي ۽ وري سحرش کي محسوس ٿيو تہ ڪي چهرا اهڙا بہ ٿيندا آهن جيڪي هڪ دفعو ڏسڻ سان اکين کي چنيٽو ڪو نہ پوندو آهي پر ٻيون ۽ ٽيون دفعو ڏسڻ سان من ۾ رچي ويندا آهن. راحيل بہ ڪرسيون سوري دريءَ جي پرسان رکيون. ٻئي ويهي رهيا.

" گذريل ڏينهن ۾ مون کي ڪارٽون ٺاهيا آهن جيڪي توهان کي ڏيکارڻ چاهيان پئي."

"ڪارٽون.!"

"ڪيترن ڏينهن کان ڪا تصوير نہ ٺاهي آهي."

"ڇو؟"

"مان سوچيان ٿي تہ پورٽريٽ صرف زندگيءَ جو ئي ٺاهڻ گهرجي." هن فائيل راحيل کي ڏئي ڇڏيو. سحرش چيو،

"هي ڪارٽون توهان کي ان لاءِ ڏيکارڻ نہ آئي آهيان تہ توهان انهن جوذڪر پنهنجي اخبار ۾ ڪيو."

راحيل فائيل تان ڌيان هٽائي سحرش جي چهري طرف ڏٺو پر ڇپائين ڪجھ نہ. مسڪرائي وري فائيل ڏسڻ لڳو.

ڪاغذن ۾ سڀني جي مٿان جيڪو ڪارٽون پيو هيو اهو هو پارٽيءَ جي چونڊن ۾ بيهڻ وقت هڪ اميدوار جو هيو. هو مائيڪ اڳيان چئي رهيو هو "اسين ڪرپشن جي خلاف آهيون." ۽ آس پاس جي هجوم مان هڪ شخص چئي رهيو هو "ڪرپشن تہ ڪوئي توهان کان سکي."

راحيل اهو ڪارٽون ڏٺو ۽ هر هر ڏسندو رهيو. پوءِ سحرش ڏانهن ڏسي وري ٻيو ڪارٽون ڏسن شروع ڪيو. سحرش جو ٺاهيل هڪڙو ڪارٽون ڏسندي راحيل چيو،

"مان جنهن آرٽسٽ سان گئلريءَ ۾ مليو هيس اها پنهنجي فن ۾ اڃان وڌيڪ نکرجي پئي آهي."

"مهرباني اڄ اهي ئي لفظ ٻڌڻ لاءِ هتي آئي هيس." راحيل جي هٿن مان فائيل وٺندي هن چيو.

"توها چاهيو تہ توهان جو ڪو ڪاٽون اخبار ۾.................."

"نہ مان ڪنهن ٻي اخبار وارن سان معاهدو ڪيو آهي. ايندڙ هفتي کان مان باقائدي ڪم بہ ڪندي رهنديس." فائيل جڏهن هٿ ۾ ڪٽي هوءَ اٿڻ لڳي تہ هڪ نظر وري راحيل تي وڌائين.

“راحيل توهان چاهي ڪيترا سال ٻہ اهو خط پڙهيو هجي جنهن جو ذڪر توهان ڪالم ۾ ڪيو آ. مان دخل اندازي ڪو نہ ڪنديس. پر جڏهن ٻہ توهان ائين محسوس ڪيو تہ هاڻي اهو خط پڙهڻ مشڪل آهي. تڏهن مون کي ضرور ٻڌائجو مان چاهينديس تہ اهو خط مان پڙهان.”

“مطلب!” راحيل سحرش ڏي ڏٺو.

“توهان ان خط جي اڄ جي ڪلا سان پيٽ ڪئي هئي. توهان لکيو هيو. لفظ پنهنجا تہ ڏڙڪن ٻہ پنهنجي هوندي آهي.”

“مس سحرش چا توهان همدري ٽا جتايو.”

“نہ اهڙي ڳالھ نہ اهي.”

“تڏهن چا سوچيو آهي توهان.”

“مون محسوس ڪيو آهي توهان پنهنجي گذريل زندگيءَ ۾ ڪنهن خط جو انتظار ڪيو آهي. اهو پڙهي سنپالي سانديي رکيو اٿوَ. توهان ان خط ڪي لڙڪن سان تار تار ٻہ چيو آهي ۽ مهان ٻہ. پر اهي ٻئي ڳالهيون گڏ توهان ڪيئن چيون. صرف اهو درد جنهن پوڳيو هوندو ۽ پيڙا ڪنهن سَني هوندي.”

ڪن پل لاءِ راحيل کي محسوس ٿيو تہ سحرش سندس دل جو حال پروڙي ورتو آهي......سندس چهري جا لڪل راز ٻہ هن اڳيان پڌرا پئجي ويا آهن. راحيل پنهنجي حيران اکڙين کي مٿي کڻڻ جو سهس ٻہ نہ ڪري سگهيو. ان ڪري اکيون جهڪائيندي ۽ مسڪرائيندي ئي چيو،

“چا توهان معلوم ڪرڻ چاهيو ٿيون.؟”

“مون ان بابت نہ پڇيو آهي مون صرف اهو چيو آهي تہ جڏهن ٻہ توهان وڌيڪ محسوس ڪيو تہ هاڻي نہ پڙهي سگهندس تہ مون کي ضرور ٻڌائجو.”

“توهان مون کي کو خط پڙهڻ لاءِ ڏيندئو.؟”

“اهو تہ مان تڏهن ٻڌائيندس جڏهن توهان هڪڙو خط پڙهي پورو ڪيو.”

“فرض ڪريو اهو خط مان ڪڏهن ٻہ پاسيرو نہ رکان تہ پوءِ.”

“پوءِ مان ڪڏهن ٻہ توهان کي پنهنجو خط نہ موڪليديس.”

“اوھ! مون کي اوهان جي اها ادا پسند آئي.”

سحرش وڃڻ لڳي راحيل جهيڻي آواز ۾ چيس،

“هڪ منٽ سحرش.”

هوءَ رڪجي وئي. راحيل هڪ نظر هن کي ڏسي ٻي ڪمري ۾ هليو ويو. هوءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. راحيل جڏهن واپس آيو تہ ڪيس هڪ دَٻي هٿ ۾ هئي. هن اها کولي ۽ ان مان هڪ هار ڪڍيو اهو رنگ برنگي موتين سان پويل هيو.

“سحرش.”

“جي.”

“ڪجھ سال اڳ مون کي ڪنهن هي هار ڏنو هيو.”

“هون.”

“مون کي جنهن دوست هي هار ڏنو هو. ان کي کنهن ٻي ڇوڪريءَ ڏنو هو پر هو ان ڇوڪريءَ کي پيار نہ ڪندو هو. ان ڪري هار مون کي ڏيندي چيائين تہ تون جنهن کي پيار ڪندو آهين ان کي هي هار ڏجانءِ.”

“ڪاليج ۾ منهنجو جونيئر هيو. هاڻي وڏو شاعر آ پر پاڻ ڪان ذهين ماڻهن ڪان جيليس ٿيندو آ. مون کي هن جو قدر آ. هر ڪنهن جي ڳالهين ۾ منٿ اچي ويندو آهي. بس پوءِ تہ پٽڪو لاهڻ ۾ بہ دير نہ ڪندو آهي. مان اهو بہ نہ ٿو چوان تہ مون ڪنهن کي پيار نہ ڪيو آهي. پر مون ڪيس هار نہ ڏنو هيو شايد اهو هار قسمت ۾ ٻي ڪنهن کي ڏيڻو آ.”

“اڄ هي هار مون وٽ آهي پر اصل ۾ هي هار مون سان گڏ سڄي شهر ۾ بہ گهمي رهيو آهي. هڪ شهر نہ پر جدا جدا شهرن ۾ بہ گهمي رهيو آهي. محبت جي اها بہ تقدير ٿيندي آهي.”

“اوهہ آءِ سي.” سحرش ٿڌو ساهہ ڀريو.

“مون هار واري ڳالهہ صرف توهان سان ڪئي آهي. هن ڪان اڳ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائي اٿم.”

“ٺيڪ آهي توهان جي مهرباني.” ائين چئي فائيل کڻي هلي وئي.

*****************************

راحيل جيئن آفيس ڪان گهر آيو تہ سندس پيءُ فليٽ جي ٻاهران هڪ ننڍو پارڪ هيو اتي ملي ويس.

“توهان اڄان اتي ويٺا آهيو تڏ لڳي وڃيو تہ.”

“اندر ٿي وينو هيس سوچيم ڪجهہ تڏ جو بہ مزو وٺان.”

“واهہ واهہ. پلا ڪوئي آيو ويو.”

“ها ابا هڪ همراهہ آيو هيو ڪلاڪ اڳ. پنهنجو نالو طارق پريمي پيو ٻڌائي.”

“چا! عجيب قسم جو ماڻهون آهي اچي تہ روز اچي نہ اچي تہ مهينن جا مهينا لڳائي ڇڏي.”

“ڪيس اچڻو هيس تہ ڀهريون فون ڪري اچڻ ڪپندو هيس.”

“هن فون ڪيو هو پر تون اڄان نہ پهتو هئين.”

“اڇا پوءِ ڪجهہ ميسيج ڇڏي ويو.”

“هو ڪيتري دير تنهنجي لاءِ وينو رهيو. پوءِ اهو چئي ويو ته مان سپاٽي چڪر هٽندس.”

هڪ ڏينهن اوچتو ڪار اچي گيٽ ٻاهران بيٺي چاچا بچل اچي راحيل کي ٻڌايو ته اوهان سان ڪو طارق پريمي ملڻ ٿو چاهي. راحيل پنهنجي پوڙهي ملازم کي چاچا بچل چوندو هو.

طارق پريمي، راحيل ۽ سندس پيءُ ڪلاڪ ٻه خوب ڪچهري ڪئي ۽ پوءِ ائين چئي هليو ويو ته ڪنهن ڏينهن پنهنجا شعر ٻه اچي ٻڌائيندوسانوَ. ٻي ڏينهن آفيس جي ٻاهران ڪار ۾ مليس چيائين،

“مان ٻه ان پاسي ويندس. هل ته ڪٽي هلانءِ.”

دل ته هن سان ويهڻ نه پئي چاهيس پر انڪار ٻه نه ٿي ڪري سگهيس. ائين چار پنج دفعه راحيل کي بس اسٽاپ تي مليو. ڪڏهن آفيس ته ڪڏهن گهر ڇڏي ويندو هيس پر اجان تائين پنهنجي شاعري نه ٻڌائي هئائينس. هڪ ڏينهن ڪار ۾ ويني چئي ڏنائينس،

“توکي اخبار جي نوڪري ڪرڻ نه کپي. چاڪاڻ ته ان نوڪريءَ ۾ عجيب قسم جي ماڻهن سان واسطو پوندو آهي.”

راحيل کي ڪاوڙ لڳي هئي. سوچيو هئائين ته وري ان ماڻهوءَ سان نه ملندو. ڏاڍو وات هٽندو هو ڪنهن کي بدنام ڪرڻ جي مهارت ته ڪو هن کان سکي.

اڄ راحيل ڏاڍو ٿڪل هيو. ڪالهه نشتر پارڪ ۾ ڪنهن پارٽيءَ جو جلسو هيو. اوڏانهن ويو هيو. ٿڪاوٽ هوندي ٻه ڪالم لکڻ ويهي رهيو. اخبار کوليندي ئي هن جي نظر اخبار جي ان ڪنڊ تي پئي جتي سحرش جو ڪارٽون ڇپيو هيو. اخبار ڪجهه دير اڳ چاچا بچل رکي ويو هيس. هن اهو ڏٺو....... پڙهيو..... هڪ دفعو ٻيو دفعو.

ان ڪارٽون ۾ پوليٽيڪل سائنس جو پروفيسر شاگردن کان پڇي رهيو هيو. ڇا توهان کي خبر آهي ته سياستدان چالاڪ ڇو هوندا آهن. تنهن تي هڪ شاگرد جواب ڏنو. سائين جيئن پکين ۾ چالاڪ پکي ڪانوُ آهي تيئن انسانن ۾ چالاڪ انسان سياستدان آهي. هو ڪافي دير تائين ڪارٽون ڏسندو رهيو پوءِ ٿڏو ساهه کڻي سحرش کي فون ڪرڻ لڳو.

“ڪير. سحرش مان راحيل آهيان.”

“او ! راحيل.”

“اڄ وارو ڪارٽون ڏاڍو پسند آيو.”

“توهان جي وڏي مهرباني.”

“ڪيترين مهربانيون چوندئو.”

“جيتائين چئي سگهندم. ۽ ها خاص مهرباني تڏهن چوندم جڏهن توهان اهو خط پڙهي پورو ڪندا.”

“مون کي لڳي ٿو ته اهو خط مون کي ٻوڙيندو يا توهان........”

“پر حقيقت اها آهي ته مان اوهان کي تارڻ تي چاهيان.”

“چڱو ڏسندا سي. سحرش ڪلهه هڪ جلسي ۾ ويو هيس. جنهن تي ڪالم به لکيو اٿم. اتي عورتن جي حقن جي به ڳالهه نڪتي. پر اسان جو ديس اهڙو آ جتي حقن جي ڳالهه ته ڪئي وڃي ٿي پر عمل! پري پري تائين به ڏيندي نظر نه ٿو اچي.”

“ها بلڪل صحيح ٿا چئو.”

“سحرش اسان جي ديس جون ريتون، رسمون عورت ڪان اجازت گهرڻ نه ٿيون سيکارين. هتي عورت سان نڪاح زوريءَ ڪيو ويندو آهي ۽ عشق به زوريءَ ڪيو ويندو آهي ۽ عورت جو ذڪر به زوريءَ ڪيو ويندو آهي.”

“حقيقت آ پر منهنجي دل ۾ ان اجازت لفظ جو قدر آهي. اڄ توهان اچو يا مان اچان...........چڱو مان ئي ٿي اچان.”

*************************************

سحرش آئي راحيل جو من اداس ٿي رهيو هو. اڄ هن دريءَ جي پرسان نه پنهنجي اسٽڊي روم ۾ ويهاريائينس. سندس روم ۾ هڪ اسٽڊي ٽيبل جنهن تي ڪجهه ڪتاب ۽ ڊڪشنريون هيون ۽ ڪتابن جي پرسان خالي پيل ليمپ رکيل هئي. ٽيبل ڪي ساڄي کاٻي پاسي خانا رکيل هيا جنهن ۾ ضرورت جو سامان رکيل هيو. ٽيبل جي اڳيان ڪاري رنگ جي اسٽڊي ايزي چيئر جنهن تي ويهڻ سان ٿڪاوٽ جو احساس ئي نه ٿئي. ڪمري جي در پرسان صوفا سيٽ رکيل ۽ ان جي اڳيان ڪاٺ جي ٽيبل رکي ويئي هئي. صوفي تي سحرش ويني ۽ پاڻ وري اسٽڊي چيئر تي ويهي رهيو.

“چانهه پيئندينءَ.”

“ها.”

راحيل چاچا بچل ڪي چانهه جو چيو.

“توهان جي لاءِ اڄ وارو ڪارٽون ڪا وڏي ڳالهه نه هجي پر مون لاءِ بيحد وڏي ڳالهه آهي.”

“پر ان ڪان ته توهان جا ڪالم سنا هوندا آهن. ”

“الاءِ ڇو سحرش ڪجهه ڏينهن ڪان ائين پيو محسوس ڪيان. مان جو ڪجهه لکان ٿو اهو بي مطلب آهي. جڻ ان ڪي پڙهڻ وارو ڪير به نه آهي.”

هو ڪجهه دير لاءِ چپ ٿي ويو پوءِ سحرش طرف ڏسندي چيائين،

“ڪاليج جو هڪ پراڻو دوست آ. شاعر آ. طارق پريمي. سوچيو هيم ان جو انٽرويو ڪيان. ان لاءِ هڪ خاص ڪالم جو سلسلو ٿو شروع ڪيان. ڪيترن شاعرن ڪي خط به لکيا آهن. طارق پريمي به آيو هيو. شاعري به ڏنائين. هو ماڻهن ڪي چوندو وتي ٿو ته

منهنجون لکڻيون ان تي اثر ڪري ويون آهن. اڄ ڪلهه ڪنهن ڇوڪريءَ سان به ملندو ٿو رهي. ٻڌين ٿي نه سحرش.”

“ها.”

“اڄ ڪلهه ته اهو به چئي ٿو ته مان جو ڪجهه ٿو لکان ڪنهن ڇوڪريءَ جي ڪري ٿو لکان.”

“ها مون کي خبر آهي.”

“تو کي خبر آ! ڪيئن!” مان حيران ٿي ويس.

“هُو ٽي دفعه گئلريءَ ۾ اچي چڪو آهي. هڪ به تصوير به خريد ڪئي اٿائين. اتي اخبار ۾ تنهنجو ڪالم ڏسندي تنهنجي لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪيون هئائين. آخر ۾ چيائين. بيوقوف منهنجو دوست.”

چاچا بچل چانهه کڻي آيو. راحيل چانهه ڪپس ۾ پري سحرش کي ڏيندي چيو،

“ هڪ شخص اڪثر مون کي فون ڪندو رهندو آهي. هن وقت تائين پنهنجو نالو ڪو نه ٻڌايو اٿائين. صرف ايترو ئي چوندو آهي ته هو منهنجو خيرخواهه آهي.”

“طارق پريميءَ جون ڳالهيون ان ئي ٻڌايون هيئي.”

“ها ڪالهه رات هن فون ڪري ٻڌايو ته طارق پريمي ۽ سندس ساٿي هڪ اخبار ڪڍي رهيا آهن.جنهن ۾ هو منهنجي خلاف لکندا.”

سحرش ڪجهه نه چيو صرف چانهه پيئندي رهي. چانهه جو گرم ڪوپ ڄڻ زهر ڍڪ ٿي لڳس. هوءَ ڍڪ ڍڪ پيئندي رهي ۽ طارق پريميءَ جي ڳالهين تي جڪ ڪائيندي رهي.

***********************************************

آرٽس ڪائونسل ۾ هڪ مهورتي تقريب هئي. راحيل اتان موٽي گهر آيو ته ڪجهه دير بعد فون جي رنگ وڳس.“ توهان راحيل ٿا ڳالهايو.”

“مان توهان جو پرستار ڳالهائي رهيو آهيان.”

“جي چئو.”

“مون توهان جي آفيس ۾ به فون ڪئي هئي پر توهان ڪنهن تقريب ۾ ويل هئا. مان صرف توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته طارق پريميءَ جي هٿ جي ڪا به شيءِ نه کائجو. هو توهان کي ڪنهن شيءِ ۾ ڪجهه به ملائي کارائي سگهي ٿو. مهرباني ڪري منهنجي ڳالهه جو يقين ڪجو. طارق پريميءَ جو خيال آهي ته هو توهان کي اهڙي ڪا شيءِ کارائيندو جنهن سان اوهان جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويندي.”

“اوهه ماءِ گاڊ.........”

“بس توهان ان جي ڏنل يا موڪليل ڪا شيءِ نه کائجو.”

راحيل فون جو رسيور رکي ڇڏيو. هن جو جسم لوهه وانگر تپي باهه ٿي ويو. دريءَ جي پرسان ويهي هن سگريٽ دکايو. ڪڏهن ڪڏهن پريشانيءَ ۾ هڪ اڌ سگريٽ ٻه پي وٺندو هيو. هوانهن خيالن ۾ ايترو ته گم هيو جو ٻرندڙ تيلي ڪٿي ڦٽي ڪيائين ڪا خبر نه پيس. اڇانڪ خيال ايندي هن ڇرڪ ڀري ڏٺو ته تيلي ڊسٽبن ۾ ڪريل هئي. ان پيل ڪاغذن کي باهه لڳڻ شروع ٿي وئي. باهه وسائيندي جنهن ڪاغذ جي ٽڪري تي نظر پيس اهو اخبار جو ٽڪرو هيو. راحيل اخبار جو ٽڪرو ڪڍيو. اهو هڪ طرف کان سڙيل هيو پر ڪافي حصو اڃان تائين ثابت هيس. هڪ ٽڪري تي پينسل جي ليڪ ڏنل هئي هن پڙهڻ شروع ڪيو،

"راحيل نالي هڪ شخص کي اسان جرنلسٽ نه ٿا سمجهون. هن کي ڪجهه لکڻ به نه ٿو اچي. هن کي اها نوڪري پيءُ جي سفارش جي ڪري ملي آهي جيڪو پروفيسر آهي ۽ هڪ اخبار جو ايڊيٽر پڻ رهي چڪو آهي. ورنه سندس پٽ ان نوڪريءَ جي لائق نه آهي."

راحيل اهو ڪاغذ وري ڊسٽبن ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. هن جو مٿو ڦرڻ لڳو هو. ڪجهه دير کان پوءِ اٿي Calcee پيئڻ لڳو ۽ سوچيندو رهيو ته فون جي گهنٽي وڳس.

"مان سحرش ٿي ڳالهايان."

"ها سحرش چوءُ."

"ڪالهه توهان وٽ اخبار آئي هوندي."

"ها آئي هئي مان پڙهي آهي."

"اف خدا!."

"بابا ئي کو پهريان ڏٺي هئي. هن اها ڊسٽبن ۾ وجهي ڇڏي هئي. منهنجي اڇانڪ ان تي نظر پئي هئي."

"ڇگو توهان ان اخبار کي وساري ڇڏيو ۽ واعدو ڪيو........." چپ ٿي وئي.

"ڇگو سحرش مان ان باري ۾ نه سوچيندس پر تڏهن به ڪو سوچ جو انت ته نه آهي نه."

"گند صرف گهٽين ۽ بازارن ۾ نه هوندو آهي. ماڻهن جي من ۾ به هوندو آهي."

"اوڪي سحرش. فون جي گهڻي گهڻي مهرباني. مٿي ۾ ڪافي سور هو پر لڳي ٿو هاڻي لهي ويو آهي. مون کي توهان جي فون جي سخت ضرورت هئي."

"هاڻي وري مهرباني فون جي باقي مان ڪنهن ليکي ۾ ئي نه آهيان."

تڏهن ٻئي کلڻ لڳا.

"توهان سڀاڻي شام جو اچي سگهندا." ساڳي مسڪراهٽ سان چيائين.

"ضرور سڀاڻي شام جو ئي ايندس."

راحيل فون رکي ڇڏي. هن جي دل ڀرجي آئي. ڪيس پيءُ جي نرم دل، سحرش جي دريا دل ۽ ان گمنام خيرخواهه جي مهربان دل جي ياد آئي. هو دل ئي دل ۾ انهن جا شڪرانا مڃڻ لڳو.

رات جو راحيل کو به ڪم ڪري نه سگهيو. گذريل ڏينهن جون ڳالهيون جيڪي مختلف اديب هن لاءِ ڪري رهيا هئا. ڪيس ڏنپ ڏيڻ لڳيون. ڪاوڙ ۾ ٽيبل تي پيل ڪتابن کي جو مڪ هنيائين ته ڪتاب هيٺ ڪري وڪرجي ويا. ڪن جا ڪجهه ورق به نڪري پيا. هي بغير ڪنهن احساس جي اتي ٿڪل ذهن سان فرش تي سمهي پيو. ڪافي دير ڪان پوءِ ننڊ آيس پر صبح جو اٿيو ته هن کي پنهنجي ڪيل حرڪت تي ندامت ٿي. هو سڌو فون جي طرف وڌيو ۽ هن نمبر ملايو.

“ها سحرش ڇا حال آ! سوير تو فون ڪئي هئي.”

“ها منهنجي دوست مسز سمرين آهي نه.”

“ڪهڙي سمرين.!”

“منهنجي خاص سهيلي. استوري رائيٽر.!”

“ها ها ياد آيو مسٽر فيروز جي گهرواري.”

“ها. اها.”

“ڇا ٿيو آ ان کي.......”

“ويچاري اسپتال ۾ داخل آهي.”

“او آءِ ايم سوري.”

“توهان اچو ته ٻئي گڏجي اسپتال هلون.”

“مان ته اچان ٿو پر منهنجو اسپتال هلڻ.............”

“مان اڪثر ان سان تنهنجو ذڪر ڪندي رهندي هيس. هوءَ به توکي سجاڻيندي آهي منهنجي ڪري ۽ تنهنجي ئي ڪالمن جي حوالي سان. سدائين چوندي آ ڪڏهن ٿي پنهنجي راحيل سان ملائين.”

هن جو ائين چوڻ ته ڪڏهن ٿي پنهنجي راحيل سان ملائين ۽ راحيل جي دل جو ڌڙڪڻ.

“۽ توهان کي وري هاڻي ياد پيو آ جڏهن ويچاري اسپتال ۾ آ....”

“ٻن ٽن ڏينهن کان رابطي ۾ نه هئي. اڄ ئي خبر پئي آ.”

“چڱو مان اچان ٿو.......”

****************************************

راحيل پنهنجي آفيس ۾ لکڻ ۾ مشغول هيو. آفيس ۾ هڪ ٽيبل جنهن جي سامهون ٽي ڪرسيون رکيل جڏهن ته ٽيبل جي اڳيان ڪرسيءَ تي پاڻ ويٺل. سندس ڪمري ۾ ٽيبل جي سامهون ئي دروازو ۽ دروازي جي لڳ ئي ٻه ڪرسيون رکيل. راحيل جي ساڄي پاسي واري ڀت تي سحرش جي ئي پينٽنگ لڳل. جنهن ۾ هڪ ڇوڪري صرف ٻانهن تائين ڏيکاريل آ جڻ ڪنهن بيڊ تي سمهي ٻانهون وهاڻي تي سڌيون ڪيون اٿائين ۽ هڪ ٻانهن تي منهن رکي سامهون ڏسي رهي آهي. وارن جي هڪ ڇڳ پرونءَ ۽ اک جي مٿان ڪراس ٿيندي ڳٽي تان گذرندي هيٺئين چپ ۽ ڪاڏيءَ جي وچ تائين پهتل آ. سندس ڏسڻ جي انداز ۾ اکين مان ايڏو ته غم ٿو محسوس ٿئي جڻ ته سندس هستي ئي ڀسم ٿي وئي آ.

راحيل ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين اصل ڏکي ويو. هن جا هٿ پير ٺري ويا. بي جان بت بڻجي ويو. هن جي سامهون صدف ويٺي هئي. اها ئي صدف جيڪا هن کي يادن جي واديءَ ۾ ڇڏي هلي وئي هئي. پر اڄ جي صدف ڀيريان واري صدف کان مختلف لڳس. اڳ ۾ سنهڙي سهڻي، واسينگ جهڙا وار سدائين پيا چيلهه تائين لڙڪندا هيس. پر اڄ اها صدف بت ۾ ڪجهه ڀريل چهرو به ڀيريان کان ڀريل گول مٽول وار صرف ڪلهن تائين لڙڪيل. رئي جو نالو نشان ئي نه. صدف راحيل کي ڏسي رهي هئي. راحيل کي لڳو ته هن جون نظرون دل مان آر پار گذري رهيون آهن. اڳ ۾ ئي من ماندو هيس ويتر ڦڙڪيون هڻڻ لڳس.

ٻه منٽ اڳ پٽيوالي ڪيس ٻڌايو ته ڪا عورت ساڻس ملڻ چاهي ٿي . راحيل جو لکڻ ۾ مشغول هيو. جهڪيل ڪنڌ سان ئي اشارو ڪيس ته اندر موڪليس.

ڪڏهن ڪڏهن انسان لاءِ اهڙو وقت به ايندو آهي جو ڪيس ائين لڳندو آهي ته سندس لفظ ٽڙي پکڙجي ويا آهن. راحيل به جڏهن صدف کي ڏٺو ته ڪيس به ائين محسوس ٿيو ته هر لفظ وساري چڪو آهي.

“چار ٿيا آهن. پنجين تائين ويهندين........”

صدف اهڙي انداز ۾ پڇيس جڻ هو ڪجهه سال نه پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ئي هن سان ملي رهي هجي.

“ها.”

“چڱو مان تنهنجي گهر تي وجان.”

اجان راحيل لفظ به نه ڪڍيو جو هوءَ هلي وئي. ميز جي پرسان بيٺل راحيل پنهنجي ڏڪندڙ جسم کي ميز جو سهارو ڏنو. هو سمجهي ئي نه سگهيو ته هيءَ اها ئي صدف آهي يا ڪا ٻي. ڪنهن به وقت کي رڪجندي نه ڏنو آهي پر راحيل کي لڳو ته اڄ هن وقت کي رڪجندي ڏنو آهي ۽ وقت سان گڏو گڏ ساهه کي به رڪجندو ڏنو اٿائين. هن کي اجان

تائين يقنين نہ آيو تہ کو صدف آئي هئي. ڪيتري دير انهن خيالن کا پوءِ هن جو هٿ فون ڏي وڌيو. هن سحرش جو نمبر ملايو.

“مان راحيل آهيان.” لفظ وچڙندا رهيس.

“ها راحيل ڪيئن آهين.”

“صرف ٻن منٽن لاءِ .............. منهنجي آفيس ۾ اچي سگهندئو.”

“چو. چا ٿيو آهي. خير تہ آهي.”

“ها ڪجھ بہ تہ ناهي.”

“چڱو مان اچان ٿي.”

*****************************************

سحرش هن جي لفظن مان ئي سمجهي وئي. آخر هن بہ تہ پنهنجي دل جي ڪينواس تي راحيل جو چتر چٽيو هيو. سحرش جي گئلري راحيل جي آفيس جي پرسان هئي. سحرش کي اچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ مس لڳو. هوڏانهن راحيل کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هو ڪيترن ڏينهن کان هتي ميز جي سهاري ٻيني ٻيني ڏڪي رهيو آهي.

“راحيل مان اچي ويس.”

هن پلڪون مٿي ڪنيون سحرش کي ڏسندي چيائين،

“اڄ صدف آئي هئي. مون هڪ دفعي توکي ٻڌايو هيو تہ ڪاليج جي ڏينهن ۾............”

“ها مون کي ياد اچي ويو.”

“هاڻي ڪجھ دير ٿيندي.............. هاڻي گهٽا ٿيا آهن.”

“ساڍا چار........”

“ان وقت هن مون کي ٻڌايو تہ چار ٿيا آهن.”

“پر راحيل تون ايڏو پريشان چو آهين...”

پريشان تہ خود پاڻ بہ ٿي وئي پر پنهنجي چهري تي اهڙي کا بہ پريشانيءَ جي ريکا ظاهر نہ ڪيائين. يا تہ راحيل ايڏو الجهيل هيو جو سحرش جي چهري جون ريکائون پڙهي نہ سگهيو.

سحرش هڪ پل لاءِ راحيل جي چهري طرف ڏسي پرس مان رومال ڪڍيو. اڄ پهريون دفعو هو جو هوءَ راحيل جي ايڏو ويجهو ٻيني.

“سجو چهرو ئي ڳوڙهن سان ڀري ڇڏيو اٿئي.” ائين چئي رومال سان اکيون اگهڻ لڳس.

“ڪاڏهون آندو اٿئي اکين ۾ لڙڪن جو درياءُ. هان.......”

راحيل کي سچ پچ خبر نہ هئي تہ ڪو سندس اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهن هن پنهنجي آڱرين سان اکڙين کي ڇهيو تہ حيران ٿي ويو.

“هن مون سان ڪا بہ ڳالھ ٻولھ نہ ڪئي صرف ايترو چئي هلي وئي تہ مان تنهنجي ئي گهر ٿي وڃان.”

“يلا هتي هوءَ توسان ڪيتريون ڳالهيون ڪري ها.”

راحيل جيترا سال بہ سوچيندو رهيوهو اهو ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو ۽ اڄ اچانڪ جيڪي ٿي ويو، اهو سندس سوچ ۾ ئي نہ ٿي آيو. تڏهن تہ گهٻرائجي سحرش کي گهرائي ورتو هئائين ۽ هاڻ ڪيس اها بہ خبر نہ هئي تہ سحرش کي ڇو گهرايو آهي. ڪيس ڇا ٻڌائڻو اٿس ۽ ڇا پڇڻو اٿس. سالن ڪان پوءِ صدف کي ڏٺو هئائين. دل ۾ ڏاڍو خوش بہ ٿيو هو. شايد ان ڪري هو گهٻرائجي ويو هو ۽ ان گهٻراهٽ مان سحرش جو هٿ پڪڙي ورتائين. چيائين،

“سحرش خبر ناهي اڄ مون کي ڇا ٿي ويو آهي. مان پنهنجي دل کي قابوءَ ۾ نہ ٿو رکي سگهان.”

سحرش وڃي پئي وري هن جي اکين ۾ گم ٿيندي. پاڻ سنڀاليندي چيائين،

“راحيل هاڻي توکي گهر وڃڻ گهرجي. هن سان وڃي کوڙ ساريون ڳالهيون ڪر. آخر سالن کان پوءِ ملي اٿئي.”

راحيل کي لڳو تہ دنيا جي ڪا بہ عورت پنهنجي محبت ۾ ٻي عورت کي ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندي آهي پر سحرش جي محبت جو ڪو انت ئي نہ هو. سندس دل پيار جي خزاني سان ڀري پئي آهي.

“منهنجو خيال آ اهي تہ هاڻي اسان کي هلڻ گهرجي.”

“اسان کي ڇا مان بہ.”

“ها ان ۾ حرج ئي ڪهڙو آهي.”

“نہ اڄ نہ. گهٽ ۾ گهٽ پهرين ڏينهن تہ نہ. شايد ڪيس ڪا غلطفهمي نہ ٿي وڃي.” سحرش وڃڻ لاءِ دروازي طرف مڙي چيو.“ ۽ ها اهڙي ڪا بہ ڳالھ نہ ڪئي جنهن سان هن جي دل آزاري ٿئي.”

راحيل جيتري بہ دير بيٺو رهيو هن جي گهٻراهٽ بہ ٿمجي بيٺي هئي. هن جي ويندي ئي ڪيس لڳو ڄڻ گهٻراهٽ وري شروع ٿي وئي آ.

*******************************************

راحيل گهر پهتو ته صدف هن جي هڪ هڪ شيءِ کي غور سان ڏسي رهي هئي.راحيل ايندي ئي چاچا بچل کان پڇيو،

“بابا گهر ۾ ڪونهي ڇا.”

“نه صاحب کي چڱي دير ٿي آ ته ٻاهر ويو آ.”

صدف هن جي آواز تي ڇرڪي اچي صوفي تي ويهي رهي. راحيل ڏٺو ته صدف جون اکيون ائين چپ هيون جيئن ڪيترا سال اڳي هونديون هيون. راحيل ئي شروعات ڪئي،

“مو سمجهيو هو ته توهان شايد وري هتي نه ايندا.”

“پر مون کي پڪ هئي ته مان ضرور اينديس.”

چاچا بچل چانهه رکي ويو. صدف جو چيل جملو هن جي من ۾ ڦرڻ لڳو ۽ گڏو گڏ ان کي ڏوئڻ به لڳو. هن کي لڳو اهو جملو هڪ وڏي اعتماد سان ئي چئي سگهجي ٿو يا صرف ٽال مٽول ڪرڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو. هن هڪ گهرو ساهه کنيو.

“هلون.” صدف پڇيو.

“ٻاهر ڪٿي خوشگوار هوا جي جهوٽن ۾. پوءِ تون جنهن وقت به چاهيندين اٿندا سين.”

راحيل بنا ڪجهه چوڻ جي اٿي صدف سان ٻاهر آيو. صدف جنهن سادگيءَ سان “تون” چيو هو. اهو راحيل کي ڏاڍو وڻيو هو. ان ۾ هن کي اها پهنجائپ نظر آئي. جنهن جي کيس عرصي کا تلاش هئي.

ٻئي ڄڻا هِل پارڪ ۾ پهچن ٿا. هنن جو رخ پارڪ جي ٽڪريءَ ڏانهن آهي جيڪا بلڪل اروڙ جي ٽڪرين وانگر آ. رستي تي هڪ وڏو تلاءُ آ جنهن ۾ ڪوڙ سارين بدڪون ۽ ڪاز ترندي نظر اچن ٿا. ٽڪريءَ کي هڪ ٻن هنڌن تان ڏاڪڻ نهيل آجتان ماڻهون آسانيءَ سان چڙهي سگهي ٿو.ٽڪريءَ تان پارڪ جو منظر ڏاڍو خوبصورت ٿو لڳي. چوڌاري گرينري ۽ وڻن جي وچ ۾ اهو تلاءُ ائين ٿو نظر اچي جڻ اهو تلاءُ نه پر ڪا ڍنڍ آ. هي به ٻئي ٽڪريءَ جي هڪ پاسي اچي ويهن ٿا. جتي هوا جا جهوٽا کين دل کي ڇهندي محسوس ٿين ٿا.

راحيل جي اکين مان سالن کان سانديل درد ٻاهر وهي پيو. هن جي دل چاهيو ته صدف جي جهوليءَ ۾ ڪنڌ رکي روئندو رهي ۽ ڪائنس پڇي. ٻاهه کي وسائڻ لاءِ پاڻي ڪٿان به ملي سگهي ٿو پر زندگيءَ کي سلجهائڻ لاءِ پيار جا ڇنڊا اتان ئي ملي سگهندا آهن جنهن سان محبت هوندي آهي پر جيڪڏهن هو اهي ڇنڊا ئي چورائي ڪٽي وڃي ته .................. هن جي اکين مان آب وهي پيو. صدف کي ڪجهه چئي نه سگهيو. ڪنڌ ٻي

پاسي ڪري پنهنجا ڳوڙها لڪائي ورتائين.صدف هن جي ويجهو سري آئي. هن به ڪجھ نه چيو سندس منهن ڪي منهن سامهون ڪندي رڳو اکين ۾ ڏسندي رهيس.

سالن کان سانديل ۽ پاليل هڪ خيال راحيل کي هن وقت به آيو ته صدف هن سان کوڙ ساريون ڳالهيون ڪيون آهن پر هاڻي هن خاموشيءَ کي ايڏو چو پاليو آهي. اڄ به چپ آهي. شايد هن جي خاموشي ئي هن جي گذريل ماضيءَ جو داستان هئي.

راحيل ڏنو اڄ هيترن سالن کان پوءِ به ڪيس پڇڻ جي ضرورت ئي نه پئي آهي. ڄڻ ته ڪا نجومڻ آهي ڄاڻي ٿي ته مون سندس ڪيڏو انتظار ڪيو آهي ۽ منهنجي زندگيءَ ۾ نه ڪا ٻي چوڪري آئي آهي ۽ نه ڪا ٻي محبت آئي آهي.

صدف سان گهاريل گهڙين جو خيال ايندي ئي هن جا انگ ٻَرڻ لڳا. اهو اعتماد ڇا ان ڪري آهي ته صدف کي پنهنجي ئي زندگيءَ ۾ جيڪا جڳهه ڪنهن به مرد کي ڏيڻي هئي سا هن راحيل کي ڏني آهي يا صرف ان ڪري ئي صدف پنهنجي زندگيءَ ۾ راحيل کي ڪا به جڳهه نه ڏني آهي.

“صدف.”

“هون.”

“هيترا سال.........هان. هيترا سال ڪٿهن منهنجو حال به نه پڇيئي.”

راحيل جي صبر جو پيمانو جيڪو سالن کا ڀريل هيو هن جي ڇهڻ سان ئي ڇلڪي پيو.

“هيترن سالن ۾ ڪجھ به ٿي سگهي پيو. اهو ٿي سگهي ها ته ڪا ٻي عورت منهنجي زندگيءَ ۾ هلي اچي ها.”

صدف ڪجھ نه چيو هٿ جي آڱرين سان راحيل جا ڳوڙها اگهندي رهي ۽ چوڻ شروع ڪيائين.

“مون کي خط چو نه لکيئي.؟”

“مان به ٿي خط لکيا هئا. پر توڏانهن ڪو جواب ئي نه آيو.”

“اوه. ويري سيڊ. ياد آيو. اسان جنهن جاءِ تي شفٽ ٿيا هئا سين ان جي هفتي جي اندرئي ٻئي هنڌ سيٽل ٿيا هيا سي.”

سوچيندي هيس ته توکي آگاهه ڪيان. تو ڏي ڪجھ لکان پر ايتري ته مصروف ٿي ويس جو فرصت ئي نه ملي. بابا جو گذاري ويو.”

“ڇا! ۽ ماسي.!” راحيل سندس ماءُ کي ماسي چوندو هيس.

“مون سان گڏ آئي آهي ماما جي گهر رهيل آهيون.”

“شادي ڪيئي.”

“نه.”

“چو.”

“دل نه ٿي مڃي.”

راحيل چپ ٿي ويو. ڪيس لڳو هوءِ جيڪا ٻه ڳالهه پڇي رهي آهي جڻ دست اندازي ڪري رهي آهي.

“گهڻو ٽائيم گذري ويو آهي. هلون.” ڪجهه دير ڪان پوءِ صدف چيو.

“هلو مان توهان کي گهر تائين ڇڏي اچان.” هو اٿيو.

رستي ۾ صدف صرف ايترو چيس ته هوءِ هتي ٻه ڏينهن ئي رهندي ۽ صبح جو ڪيس فون ڪندي. گهر وٽ پهچي صدف راحيل کي اندر اچڻ لاءِ چيو،

“اڄ نه سڀاڻي ايندس.”

**********************************************

هو واپس هليو آيو. اچڻ سان ئي وهنجڻ لاءِ باٿ روم هليو ويو. ان آئيني ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏنائين جڻ خود کي سڃاڻي نه سگهيو.نائيٽ ڊريس سندس هٿن ۾ هئي. ڪيتري دير اهي ڪپڙا جهليو پاڻ کي ڏسندو رهيو.

ڪپڙا بدلائي پنهنجي ڪمري ۾ آيو. پنهنجي بستري تي ويهي سانڍيو سالن وارو خط پڙهڻ شروع ڪيائين. جيئن اڄ ٻه پڙهي شايد اڃان ڪجهه وڌيڪ سمجهي سگهي پر ذهن آخر ان ڳالهه تي آماده ٿيس ته هي خط هاڻي مون کي سحرش جي حوالي ڪرڻ گهرجي.

هن ڪمري جي بتي وسائي ڇڏي ۽ سوچ جي بتي ٻاري ڇڏي.

“مان ڪيس ياد هوندس! تڏهن ئي ته مون سان ملڻ آئي آهي. هن مون کان گذريل سالن جي ڪا ٻه ڳالهه نه پڇي آهي. هن کي يقين هوندو! تنهن ڪري ته چپ چاپ منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي ڇڏيو هئائين.”

راحيل جي چپن تي صدف جي چپن جو ڇهاءُ ٻرڻ لڳو. هن هڪ هڪ ڇهاءُ کي، هڪ هڪ پل کي، ۽ هڪ هڪ ڌڪڻيءَ کي ائين محسوس ڪيو جڻ اهي سڀ ڇهاءُ، پل ۽ ڌڪڻيون ڪنهن دل جي سرور واري ڪتاب جا لفظ آهن. جن کي هو بار بار پڙهي ان سرور کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي.

روح ته مليا پئي پر اهي ايترو گهرا ٿي نه سگهيا. راحيل چاهيو انهن روحن جي گهرائيءَ ۾ ايترو ته گهري وڃي جو سندس خيالن جي بلڪل هيٺئين تهن کي وڃي ڇهي. هو انهيءَ گهرائيءَ ۾ ايترو ته لهي ويو جو ڪنهن مهل صدف لاءِروئي پيو ته ته ڪنهن مهل کلي پيو.

ائين ئي سڄي رات جاڳندي ۽ پاسا ورائيندي گذري ويس. صبح جي پهرين روشنيءَ سان انتظاري شروع ٿي ويس. صدف جي فون جو انتظار. هن چانهه ناهي پر ڪٽي ٻه ڪو آواز ٿيڻ نه ڏنو. متان ڪنهن آواز جي ڪري فون جي رنگ ٻڌڻ ۾ نه اچي. هو باٿروم ۾ ويو. پاڻيءَ جا ڪپا آهستي آهستي پنهنجي بدن متان وجهندو رهيو. تازي پاڻيءَ جي نلڪي

ان ڪري نہ ڪوليائين تہ متان ان آواز ۾ فون جو آواز نہ وڃائجي وڃي. آفيس وڃڻ جو وقت ٿي ويس.هن ڪنهن مهل گهڙيال طرف ڏنو جتان ٽڪ ٽڪ جو آواز ٿي آيو تہ ڪنهن مهل فون طرف پئي ڏنو جتان ڪيس رِنگ جو انتظار هيو.

آخر هو آفيس هليو ويو.ڪجھ دير تہ هن پنهنجو پاڻ کي ڪم جي حوالي ڪري ڇڏيو. پر ڪمن جي ننڍڙي مٺ ۾ سندس خيال سمائجي نہ سگهيا. هن صدف جي مامي وارن جو نمبر ڊائريءَ مان ڳولهي ملايو.

“مان راحيل آهيان. صدف سان ڳالهائڻو آ.”

“هولڊ ڪجو.” پريان آواز آيو. ڪجھ پلن ۾ صدف آئي.

“ڪير.راحيل!.”

“ها صدف.”

“مان اجان هاڻي ئي اٿي آهيان. سوچي ئي رهي هيس تہ توکي فون ڪيان.”

“مان گهر نہ آفيس مان ڳالهائي رهيو آهيان.”

“راحيل منهنجو خيال آ تہ تون ئي هليو اچ. امي بہ پڇي پئي تہ گهڻو وقت ٿيو آ جو راحيل کي نہ ڏٺو آهي.”

“ٺيڪ آ مان پنجي وڳي ايندس.”

ان بعد راحيل پنهنجو ڌيان سجو ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو. ڪم ڪندي ڪندي  ڪيترا ئي دفعہ ڪيس ائين لڳو جڻ شام ٿي وئي آ پر هن جڏهن بہ گهڙيال ڏي ڏٺو تہ شام ڪافي پري هئي.

آخر پنج ٿيا تہ راحيل بہ پهتو. صدف هن سان ملي ۽ هڪ الڳ روم ۾ هن کي ويهاريو جتي صدف جي ماءُ بہ آئي. راحيل سندس ماءُ کي پيرين پئي مليو. صدف جي ماءُ زرينہ راحيل کي نرڙ تي چمي ڏني. “پٽ ڪيئن آهين.”

“ماسي توهان جي اڳيان آهيان توهان تہ اڪيلو ڪري هليا ويئو.”

“نہ پٽ تون تہ سدائين ياد هوندو هئين. ڪالھ بہ صدف کي چيو هيم تہ راحيل کي ڏسان.”

“ماسي مان تنهنجي ڪري ئي تہ آيو آهيان.” صدف ڏي نهاريندي چيائين.

“چڱو ويهہُ تہ سهي سڀ ڳالهيون ويني ئي ڪندين چا.”

ماسي زرينہ صدف کي چيو، “ صدف چانھ تہ ناهي وٺ.” صدف هلي وئي.

“راحيل اڄ ڪلھ ڇا ٿو ڪرين؟”

“ماسي ساڳي اخبار واري نوڪري.”

“اڙي ابا اڃان ان اخبار جي چڪرن مان نہ نڪتو آهين ڇا.”

“ماسي ڇا ڪجي پيٽ بہ تہ پالڻو آهي نہ.”

“شادي ڪئي اٿئي.”

“نہ ماسي اڃان تہ نہ ڪئي آ.”

“ڇو ابا اڃان ڪڏهن ڪندين.”

“بس ماسي هاڻي جلد ڪندس.”

“ابا هن صدف به مون کي ڏاڍو تپايو آ. مان ته هن کان هارائي ويني آهيان.”

“چو ماسي.”

“شادي ئي نه ٿي ڪري. ڪيترا دفعہ چيو ٿي مانس. ڪڏهن مڃيندي به آهي ۽ جڏهن ڪو رشتو ايندو آ ته وري انڪار ڪري ڇڏيندي آهي.”

“ماسي سڪيلڏي ڌيءَ اٿئي. ائين جلدي ڪيئن مڃيندي.”

“بس ابا حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو. سمجهي ئي ڪو نه ٿي.”

صدف به ڪمري ۾ اچي وئي. پنيان ڪا عورت چانهه جو ٽري ڪڻي اچي ميز تي رکي هلي وئي. صدف چانهه جو ڪوپ ناهيو جيڪو ماءُ کي ڏنائين. باقي چانهه ٻن ڪوپن ۾ اوتڻ لڳي. ماسي زرينہ چانهه پي اٿندي چيو،

“ابا ويهجانءِ مان اچان ٿي.”

ماسيءَ جي وڃڻ بعد راحيل صدف ڏي نهاريو.

“ماسي ڏاڍي سٺي آهي ٿي سگهئي ته ان جو چوڻ ونجانءِ....”

“اچا.” ڪلندي چيائين، “منهنجي ڪا شڪايت ڪيائين ڇا.”

“ها ڪيائين.” راحيل به ڪلي وينو.

صدف وڌيڪ ڪجهه به نه پڇيو. ان ڪري راحيل به چپ رهيو. رڳو هڪٻئي جي اکين ۾ ڏسندا رهيا.

راحيل گذريل عرصي ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون پڙهيون هيون انهن ۾ ڪيترا اهڙا ڪردار هيا جن کي شهر جي ماڻهن ۾ به ڏسي چڪو هيو. اهڙن ماڻهن کان واقف ٿي ويو هو. صدف کي به هن ڪيترن سالن کان پوءِ ڏٺو هو. ان ڪري هن جي ياد به ڪيس ڪتاب جي ڪردار وانگر لڳندي هئي. اڄ صدف کي پننهنجي ويجهو ۽ سامهون ڏسندي ڪيس ائين لڳو جڻ هو ڪا ڪهاڻي پڙهي رهيو آهي. هن صدف کي ائين چتائي ڏٺو جڻ ڌڙڪندڙ دل سان پڙهندي پڙهندي ائين سوچڻ لڳو ته هاڻي اڳتي ڇا ٿيندو.

صدف راحيل جي پرسان اچي ويني. ايڏو قريب جو راحيل جو سڄو بدن سيسراٽجي ويو. هن چرڪ ڀري ڏانهس ڏٺو. صدف جا ساهہ راحيل جي ساهن سان ٽڪرائجي رهيا هئا. ير راحيل کي لڳو هن پل جي هن چهاءُ جي ۽ هن ڌڙڪندڙ دل جي لفظن کي ڳنڍي جيڪا ڪهاڻي جوڙي آهي ان جو ڪو به آئيندو نه آهي.

آئيندي جي ٽتل پل وانگر هن به پنهنجو ڪنڌ صدف جي ڇاتيءَ مٿان رکيو. راحيل صدف کي لڳاتار سالن کان پيار ڪيو آهي. شايد اهي پل ئي انهن سالن جي قيمت هيا. ڪيس لڳو ته هي هڪ پل ئي سچو آ هي. باقي بيا پل سڀ ڪوڙ آهي.هن جي دل چاهيو ته سندس دل جي ڏاڳي ۾ هي پل هميشہ لٽڪندو رهي.

گذريل سالن مٿان جڏهن هن نظر وڌي ته ڪيس محسوس ٿيو ته ان سڄي رستي تان هو اڪيلو نه وڃي رهيو آهي. نيڪ آهي. سحرش سندس همسفر بڻجي هن سان ڪو نه

ملي هئي پر هوءَ هميشہ هن سان گڏ هوندي هئي. هن وٽ هوندي هئي ۽ سحرش جو چهرو ايترو سجاڳپ پريو لڳو هيس جو هو ڪيڏو دل هٿان مجبور ٿيو هو.
"صدف گهڻي دير ٿي وئي آ بابا بہ انتظار ڪندو هوندو."
"ڪاش مان توکي ڇڏي اچان هان."
"نہ صدف ....... پر ..........." راحيل کان اڳتي ڪجھ بہ نہ چيو ويو.
"مون کي شايد سڀاڻي وڃڻو پوي. ماما وارن جي ڪري اڄ ترسي پيا هيا سي. هن دفعي توکي ضرور لکنديس."
"سڀاڻي فون ڪندي ساڻ يا تون اچجانءِ."
"چڱو."
"خدا حافظ."

*********************************************

جيستائين راحيل صدف کي نہ ڏٺو هيو. هو هن دنيا، هن شهر ۾ رهندي بہ رڳو گهڻو وقت پنهنجي فليٽ واري دريءَ وٽ گذاريندو هو. جتي ويهندي ڪيس هيٺ جا ماڻهون ڪافي پري نظر ايندا هيا.
هن دفعي سالن کان پوءِ صدف ائين اچي هلي ويس جيئن ڪو راهہ ويندي ملندو آهي. راحيل کي لڳو ڄڻ هن دل ۾ درد جو ٻج پوکيو هو ۽ هاڻي اهو ٻج اپري آيو آهي. ان ڪري ئي هن جو درد سان رشتو جڙي پيو آهي.
صدف جڏهن سندس ٿڌن ٿڌن ڳلن تان ڳوڙهن جون لارون پنهنجي ڪومل هٿڙن جي ترِن سان اگهيون هيس تہ هن کي ائين محسوس ٿيو هو تہ هيءَ هن جي محض همدردي آهي يا وري محبت جو احساس.
پر نہ راحيل کي ائين لڳو تہ ڄڻ صدف هن کي ڪنهن بلڊنگ جي آخري منزل جي ڇت تي وٺي وئي آهي. جتي سچ ئي سچ آهي. صرف بادل آهن ۽ صدف جي ڪڏهن بہ نہ ٽٽندڙ ۽ نہ سمجھ ۾ ايندڙ خاموشي.

راحيل جي نيڻن جي بادلن مان هڪ بوند اپري آئي ۽ اها بوند آهستي آهستي ڏرتيءَ کي ڇهڻ لڳي. راحيل نمبر ملايو.
"سحرش."
"ڪير راحيل."
"ها سحرش. توکي فرصت آهي."

“ها راحيل تون جنهن وقت به چاهين اچي سگهين ٿو.”
“ڇگو مان هاڻي ئي اچان ٿو.”
“چوين ته مان اچان.”
“نه سحرش مون کي ئي اچڻ گهرجي.”

سحرش فون بند ڪري ڇڏي. ڪمري ۾ بتي ٻري رهي هئي. اها روشني ڪيس جلائي رهي هئي. هن بتي وسائي ڇڏي. ڪيتري دير اوندهه ۾ ويٺي رهي. پوءِ هڪ ميڻ بتي ٻاري ان جي لاٽ ڏانهن ڏسندي رهي. هن جو چهرو ميڻ بتيءَ مثان جهڪيل هو ۽ هن جي هر ساهه سان گڏ اها لاٽ به لڏندي رهي. سندس من ۾ جلندڙ ميڻ بتيءَ جي لاٽ سندس دل کي ڳاري رهي هئي.

راحيل اچي آهستي دروازو کوليو ته سندس ڪچندڙ ساهه سحرش جي ساهه سان اچي گڏيو. راحيل ڪمري ۾ ايندي ئي هن طرف ڏٺو. ڪيس لڳو ڪمري ۾ هڪ نه پر ٻه ميڻ بتيون ٻري رهيون آهن. هن اڳتي وڌي سحرش کي پنهنجي ٻانهن جي هار ۾ پوئي وڌو.

سحرش هن جي سيني تي پنهنجو ڪنڌ رکي ڇڏيو.
“منهنجي سحرش.”
“مون کي خبر آهي راحيل.”
“پر ڪيئن.”
“مون کي اڄ کان اڳ ڪڏهن به تنهنجو اهڙو ڇهاءُ محسوس نه ٿيو هو. اڄ به جيڪڏهن مون کي خبر نه هجي ها........ ته تنهنجي ٻانهن ۾ اهڙي طرح اجازت پاڻ کي نه ڏيان ها.”
“پر ڪيئن سحرش.”
“تون جڏهن ڪمري ۾ آئين ته ڏٺم ميڻ بتي منهنجي سامهون نه پر تنهنجي سامهون پئي آهي. مون کي لڳو ته تون به مين بتيءَ وانگر ڪيڏو ڳريو آهين. تنهنجي پياري مک جي روشنيءَ ۾ مون پنهنجو چهرو سجاڻي ورتو.”
“پر سحرش.”
“ڏس راحيل. اڄ کان اڳ مون جڏهن به تنهنجي چهري طرف ڏٺو آهي. مون کي لڳندو هو ته تو کي صدف جو انتظار هو. ان ڪري مون هڪ قدم به ان راهه تي نه وڌايو.”
“مون تو کي ٻڌايو ته هو.”
“۽ مون تو کي چيو هو ته ساڻس گڏ ضرور وڃجانءِ.”
“تو ائين چو چيو هو. سحرش تو ڇا ائين پئي چاهيو ته مان تنهنجي زندگيءَ مان هميشه هميشه لاءِ هليو وڃان.”
“توکي چيو هوم پر الائي چو چيو هوم. مون کي صرف ايتري پڪ هئي ته مان جيڪڏهن توکي پنهنجو ٻڌائي سگهندس ته هن راهه تي اچي ئي پنهنجي جيون جو جاني ٻڌائيندس.”

“ڇا تون تقدير کان با خبر هئينءَ.”

“ها مون کي ڄاڻ هئي تہ مان توکي صدف کان وڌيڪ چاهيان ٿي صرف صدف کان ئي نہ پر پنهنجي هستيءَ کان بہ وڌيڪ پيار ڪيان ٿي.”

“تون ڪڏهن کان ان چاھ جي سمنڊ ۾ گم ٿي هئينءَ..”

“جڏهن اخبار ۾ تنهنجو ڪالم پڙهيو هوم.”

“پر ان ڪالم ۾ تنهنجي تصويرن جي ساراھ هئي تنهنجي نہ.”

“تو جيڪي بہ لکيو هو اهو ساراھ کان وڌيڪ سچ هو. سچ جي روشنيءَ ۾ مون توکي سڃاڻي ورتو هو ۽ سچ جي روشنائيءَ ۾ مون خود کي بہ سڃاتو هو.... مون انهن ڏينهن کان پوءِ ئي.........” هوءَ خاموش ٿي وئي ۽ پنهنجا نيڻ جهڪائي ڇڏيائين.

“ڇا انهن ڏينهن کان پوءِ .........”

“ها انهن ڏينهن کان پوءِ پاڻ کي تنهنجي امانت سمجهڻ لڳي هيم. ان کان اڳ منهنجي مختلف ماڻهن سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي. راحيل زندگي ڀرين خالي خالي هئي. ان ڪري مختلف ماڻهن ۾ پاڻ کي تلاش ڪندي رهيس. پوءِ جڏهن زندگي تنهنجي تلاش تي ختم ٿي تہ تو کي پيار جي عمارتن ۾ ڳولهڻ لڳس ۽ اڄ پوري جو پورو تاج محل منهنجي سامهون آهي.”

“ڇا تو ان وقت بہ ڄاتو هو جڏهن صدف وٽ وڃڻ لاءِ چيو هيئي.”

“ها.”

“پوءِ تنهنجي دل ۾ ڪجھ بہ نہ ٿيو هو.”

“ان ڏينهن مون کي ڀريون پيرو خبر پئي تہ درد ڇا ٿيندو آهي ۽ ان جي تپش ڪهڙو رنگ لائيندي آهي.”

“هي هڪ ڏاڍو عجيب حادثو آهي. سحرش.”

“ها.”

“مون ايترو تہ سمجهيو هو تہ تون مون کي سني لڳندي آن. ما تنهنجو قدر ڪندو هيس. بس ان کان وڌيڪ ڪا ڄاڻ نہ هئي. منهنجي دل تي ڪيئن ۽ ڪڏهن تنهنجو نالو لکجي ويو. اها خبر ئي ڪا نہ پئي. مان جڏهن صدف سان ملڻ ويس. سالن جا سال سندس خيال دل ۾ سانڍي رکيم. پر عجيب ڳالھ اها آهي سحرش. هن جڏهن مون ڏانهن ڏٺو ۽ هن جي ڇهري جي روشني منهنجي دل مٿان پئي تہ مون ڏٺو.............”

“ڇا ڏٺئي.........”

“تہ منهنجي دل تي تنهنجو ئي نالو چٽيل آهي.”

سحرش جو مدت کان تمتار صبر ٽٽي پيو. هن جي دل ڪنل ڪبوتر وانگر ڦڙيون هڻي رهي هئي. بيتابيءَ سان هن راحيل کي زور سان پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو. هن جا اڄايل چپ راحيل جي چپن مان سالن جي پياس اجهائڻ لڳا.

“سحرش.”

“هون.”

“هي ڪئين ٿيو. هون. چو ٿيو.”
“شايد ان ڪري ته صدف توکي ائين پيار نه ٿي ڪري جيئن ڪيس ڪرڻ جڳائي.”
“تو چا صدف کي ڏٺو آهي.”
“نه ڏٺو ناهي پر سمجهيو ضرور اٿم.”
“ڪيئن. ڪيئن سمجهيو اٿئيس.”
“هوءَ تمام سني ۽ سهڻي به آهي. ذهين به آهي. پر هڪ ڳالهه ۾ وڏي ظالم آهي.”
“ڪهڙي ڳالهه ۾.”
سحرش ڪجهه لنوايو پر پوءِ چيائين،
“هوءَ ڪيئن به ۽ ڪنهن به خوبصورت ڇوڪري کي پاڻ مٿان موهت ڪري ڇڏي ٿي پر پوءِ جڏهن ڇوڪرو محسوس ڪندو ته پاڻ ۾ محبت واري ڇڪ پيدا ٿي وئي آهي تڏهن سندس پڇر ڇڏي ۽ ان جي پرواهه ڪرڻ ڇڏي ڏيندي آهي.”
“ها مون کي سندس ماءُ سندس باري ۾ ائين ئي چيو هو. هن جي ماءُ مون کي بيحد پياري لڳي هئي. پر سحرش توکي جڏهن اها خبر اڳ ۾ ئي هئي ته پوءِ مون کي چو نه ٻڌايو هيئي.”
“چا مون کي ان وقت اهڙو ڪجهه چوڻ مناسب هيو.”
“چو.”
“مان جيڪڏهن ان وقت ڪجهه به چوان ها ته منهنجو ساڙ سمجهيو وڃي ها.”
“اوهه. چئبو ته پيار ۾ Ph.D آهين.”
“نه اجان ته ڊپلوما پئي ڪيان.” ٿهڪ ٻنهي کان نڪري ويا.
“سحرش حقيقت اها آهي ته ڪڏهن مون کي به ائين لڳندو هو ته هوءَ ائين ڪري ٿي. ائين چو ٿي ڪري؟.”
“خبر ناهي ............... شايد ننڍپڻ ۾ ڪا اهڙي ڳالهه ٿي هجيس. شايد ڪنهن هن کي ڏکويو هجي.”
“هن جي پرسان ويهندي به ائين لڳندو هيو جڻ هوءَ گهٽو پري ويني آهي. مان جنهن ڏينهن کيس زندگيءَ جي راهن ۾ مليو هيس ان رات مون کي لڳو ته مان نه صرف کيس پر پنهنجو پاڻ ۽ دنيا جي ڪنهن به شخص کي نه ٿو سڃاڻان.”
“مون کي به نه ...........” اکين ۾ پاڻ سمائي چيائينس.
“ان ڏينهن به مان بلڪل حيران ٿي ويس پر پوءِ پاڻ کي سنڀالي ورتو هوم. مون کي لڳو ته ڪنهن کي سڃاڻان ٿو ته اها صرف تون آهين. تون سحرش.”
“واقعي!”
“ها سحرش اڄ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو محسوس ٿيو آهي ته هيءَ دل منهنجي آ. هيءَ ڌرتي منهنجي آ. هي شهر منهنجو آهي ۽ هن شهر جا ماڻهون منهنجا آهن.”
“پر راحيل هتان جا ڪي ماڻهون تنهنجي لائق نه آهن.”

“ڪا ڳالھ ناهي سحرش. جيڪڏهن تون مون سان ساڻ آن تہ هي دنيا هيءَ ڪائنات منهنجي آهي.”

سحرش پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون. راحيل ڪي ائين محسوس ٿيو تہ اڄ سندس زندگيءَ جي تڪميل ٿي رهي آهي. سندس دل غمن ڪا آزاد ٿي عرش تي اڏامي رهي آهي.

سحرش ۽ راحيل هڪٻئي ڪي ائين دل ۾ لهي ڏٺو جو سندن دلين هميشہ لاءِ هڪٻئي سان رهڻ جو وچن ڪري ڇڏيو ۽ راحيل جيڪو پاتال ۾ پيل انسان، خوابن جو افلاڪ اورانگهي تصور جي هنج ۾ وجي ليٽيو. اڄ هن جي پيرن ۾ ڪائنات جون ڪهڪشائون ۽ ستارن جا موتي هيس تہ ڪائنات جي اونداهيءَ ڪي اجالو ڪندڙ جهوليءَ ۾ چنڊ ۽ اهو چنڊ ئي هن جي سحرش ڪل ڪائنات جو مهور هئي.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

